# آکاسُ آ اکين ۾

(شاعري)

**شبانہ عالماڻي**


**مُرڪ پبليڪيشن**

**2017ع**

ڊجيٽل ايڊيشن :

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر**





## سنڌ سلامت پاران:

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو نئون ڪتاب **”آڪاس آ اکين ۾“** اوهان اڳيان پيش ڪجي ٿو. هي ڪتاب **شبانہ عالماڻي** جي غزلن جو مجموعو آهي مرتضيٰ لغاري لکي ٿو:

”شبانہ جي غزل ۾ پوڄا جي حد تائين پيار، عاشقي جو امتحان، محبوبيت جو ماڻو، ماڻهپي جو معيار، عاجزي، سچائي، سنجيدگي، ارڏائي، سميت ٻيا ڪيترائي انوکا اهڃاڻ ملن ٿا. جن سان نہ رڳو اهو ڪاتو لڳائي سگهجي ٿو تہ شاعره ڪيترين ۽ ڪهڙين ڪيفيتن مان گذري لکيو هوندو، پر اها بہ پرک پوي ٿي تہ هوءَ موجوده سماجي اڻ برابري ۽ منافقي جي پر مان گذري تخليقي پورهيو ڪيو آهي. عورت ناتي سندس اهڙي ڪري مزاج رکڻ تي دلي داد ڏجي ٿو..“

هي ڪتاب **مرڪ پبليڪيشن** پاران 2017ع ۾ ڇپايو ويو. ٿورائتا آهيون مرڪ پبليڪيشن جي سرواڻ مرتضيٰ لغاريءَ جا جنهن ڪتاب جي ڪمپوز ڪاپي ڪتاب سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ پيش ڪرڻ لاءِ موڪلي.


**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com





Book No. 16

آڪاسُ آ اکين ۾ — Aakas Aa Akhyun Me
(شاعري) — (Poetry)
شبانہ عالماڻي — Shabana Almani
مارچ 2017ع — March 2017
ڪمپوزنگ: زبير سومرو — Composing: Zubair Soomro
0333-7594302

ڇپيندڙ: — Published by:
مرڪ پبليڪيشن — MURK

Office: Room No 403 4th Flor Sabir manzil 98
Near Gul Plaza Morston Road Karachi

murtaza.laghari9@gmail.com
murtaza.laghari@ymail.com

**ڊجيٽل ايڊيشن:**
**سنڌ سلامت 2020ع**
www.sindhsalamat.com

**ملهہ: 200 رپيا**

**ڪتابن ملڻ جا هنڌ:**
**ڪاني‌اواز بوڪ اسٽور ڪراچي، ڪتاب گهر ثقافت ڪاتو ڪراچي**
**ڀٽائي ڪتاب گهر حيدرآباد، ڪنگ پن بوڪ هائوس پريس ڪلب حيدرآباد،**
**سمبارا پبليڪيشن هائوس حيدرآباد، عزيز ڪتاب گهر سکر**
**رابيل ڪتاب گهر لاڙڪاڻو، مهراڻ ڪتاب گهر لاڙڪاڻو، ٽر ڪتاب گهر مٺي،**
**تهذيب بڪ اسٽور خيرپورميرس، پريتم قاضي نواب شاهہ**
**مرڪ پبليڪيشن شهدادڪوٽ /ڪراچي**

# ارپنا

درد هوش محمد ابڙي جي نانءُ

جنهن سندم تخليقي سفر کي

پنهنجي استادي صلاحيتن سان اُتساهيو ۽

شاعريءَ جي پيچيده پيچرن کان آگاهه ڪيو .

پائرن

گلزار علي عالماڻي ۽ خادم حسين عالماڻيءَ

جي نانءُ

جن جي سُرهي سات سبب سُتيءَ مان سُجاڳ ٿيس.

**شبانه عالماڻي**



**پبشلر نوٽ:**

ڪنهن به شاعر وٽ سندس ڪتابن جو تعداد ئي سگهاري تخليقڪار هجڻ جو ثبوت نه ٿو ٿي سگهي، ڇو ته: 'ٿورا ڪٽا ٿالهي ۾ پلا' واري چوڻي اڄ به معنيٰ خيز آهي، ته شاعر وٽ سجاڳ ڪتابن جي ڳاڻيٽي تائين محدود نه هجي، تخليق ئي سندس سگهاري سجاڳ جو سبب بڻجي سگهي ٿي. شبانه عالماڻي جو نانءُ ان تارازي ۾ تورجي ته به سندس پلڙو ڀاري ٿيندو. ڇو ته شبانه جي شاعري پڙهندڙن آڏو پهريون ڀيرو نه ٿي پهچي، پر هوءَ شاعريءَ جا ٻه ڪتاب اڳ به ڏئي چڪي آهي، ان ڪري اهو چئي سگهجي ٿو ته هوءَ شاعري جي دنيا ۾ نئون نالو نه رهي آهي. ٻي اها به اهم ڳالهه آهي ته سندس ٽيون ڪتاب " آڪاس آ اڪين ۾ " نه رڳو سندس ٽيون ڳاڻيٽو آهي پر سندس شاعري ۾ فني توڙي فڪري حوالي سان اهم اڳڀرائي آهي.

" آڪاس آ اڪين ۾ " ڪتاب جو مطالعو شاعره کي غزل گوئي جي سيپٽي سجاڳ اريي ٿو، هن ڪتاب جي ٻي اهم خوبي اها آهي ته مهاڳ، توڙي تاثراتي مضمونن کان آجو هي مجموعو شبانه جي سنجيدگي جو ثبوت آهي، هوءَ پنهنجي احساسن کي هڪڙو نانءُ ڏئي پڙهندڙن آڏو پيش ڪندي اهو به پيغام ڏئي ٿي ته پاڻ وٽائڻ واري فهم جي قائل نه آهي، هونئن به شبانه جو شعري اظهار ايترو اوکو، اڻ گهڙيو، اڻ ٺريو، اڻ ڏٺو يا اوپرو نه آهي. جو سندس شاعري سان گڏ ڪو حوالو به هجي، پر شبانه عالماڻي جو اظهار ايترو ته سادڙو ۽ سگهارو آهي جو پڙهندڙ لاءِ ڪٿي به سواليا نه نشان نه ٿو بڻجي.

شبانه جي غزل ۾ پوڄا جي حد تائين پيار، عاشقي جو امتحان، محبوبيت جو ماڻو، ماڻهپي جو معيار، عاجزي، سچائي، سنجيدگي، ارڏائي، سميت ٻيا ڪيترائي انوکا احساس ملن ٿا. جن سان نه رڳو اهو ڪاٿو لڳائي سگهجي ٿو ته شاعره ڪيترين ۽ ڪهڙين ڪيفيتن مان گذري لکيو هوندو، پر اها به پرک پوي ٿي ته هوءَ موجوده سماجي اڻ برابري ۽ منافقي جي پر مان گذري تخليقي پورهيو ڪيو آهي. عورت ناتي سندس اهڙي ڪري مزاج رکڻ تي دلي داد ڏجي ٿو.

مرڪ پبليڪيشن شبانه عالماڻي جو هي اهم مجموعو پڙهندڙ هٿ ۾ ڏيندي انفراديت جو مثال پيش ڪري ٿي پر شاعره جي مسلسل پريت جي پورهيي کي جوڳو مان ڏيڻ جي ڪوشش به ڪري ٿي.

**مرتضيٰ لغاري**

03005182494

# اسان قربن ڀريا ماڻهوا!

زندگيءَ جون ادائون سمجهڻ لاءِ سوچون ڊوڙائجن ته معلوم ٿي پوندو آهي ته محبوب جي مرڪ جو مامر پيي زندگيءَ جي ڳجهه منجهان ئي آهي، زندگيءَ جون تلخيون ۽ ميناڄ اکين تي رکي جيئڻو پوي ٿو. شعوري واٽن جو سفر بلڪل به سوکو ڪونه آهي.

ڪڏهن مَنُ ماڪوڙي ڪڏهن ڪيهر شينهن

يا وري:

ڪڏهن ڪڏهن هينئڙا! نه ٿو وڻين مون (شاهه)

اهو حال ئي هر انسان جو رهيو آهي ليڪن ان درد کي پچارڻ ذات بنا بي ڍنگو جملو ٿي سگهي ٿو. شاعري منهنجي نظر ۾ آڪاش تان وسندڙ ڪو ڪڪر ڪونه آهي يا وحيءَ وسان ڪنهن به شاعر تي لکڻ جو حڪم ڪونه ٿو پهچي، بلڪ شاعري پنهنجي اندر جي پيڙائن، ايذاوَن يا حسن تي هرڪي پوڻ دوران ئي سِٽون ڪنهن صنف جو ويس پهري ڪاغذ تي پختي شاعريءَ جي روپ ۾ نروار ٿي بيهن ٿيون. شاعريءَ جو حسن عمل ساڻ انوار ٿئي ٿو، نه چاٽان ته روز ڪيترا شعر لکيا وڃن ها!؟ حقيقت اها ئي آهي ته انهن مڙني شعرن اجان تائين ڪوبه ڀارڻ ڪونه ڀاريو آهي!



سوشل ميڊيا تي اڪثر سنجيدگيءَ جو قتلِ عام ٿيندو رهيو آهي، فيس بڪَ تي اڪثريت به تضادي سوچن جي ئي آهي، فيس بڪَ چڱن ڀلن کي ڪتابي دوستيءَ ڪان به پري رکيو آهي. هوريان هوريان سوشل ميڊيا جو وڌڻ ڪتابي دنيا لاءِ هاڃيڪار ٿيندو پيو وڃي، موجوده سنڌي ادب ۾ غير سنجيده ماحول سنجيده سرجڻهارن جي ادبي پورهئي لاءِ به بهتر ڪونه آهي. اهڙو اٿوڻندڙ ورتاءُ اکين ۽ جذبن کي بيقرار ڪري ڇڏيندو آهي ۽ سنجيده زندگي به ماٺ جي پاڪر منجهه اينڊي محسوس ٿيندي آهي ۽ پرائو عمل به جڻ مون کي منهنجي ئي وجود سان وچڙندي محسوس ٿيندو آهي تڏهن جڻ ههڙا شعر پاڻ ئي مون ڏي سري ايندا آهن.

ڪِتي بيقراري ستي رات پر،
غمن جي نه ماري ستي رات پر!

..........

جند ڪري تون پنهنجي مَنَ کي،
داڻو داڻو پيهڻ ڏکن جو!

..........

زماني ۾ ڇريا ماڻهو!
اسان قربن ڀريا ماڻهو!

..........

پتر جهڙي حياتي ۾،
رکيئي کهڪاءُ شعرن ۾!

..........

اوهان نہ سوڙهہ ۾ رهو اسان اٽي وڃون پيا،

سنگيت هئي پريت جي ٻڌي اسان وڃون پيا!

..........

سڀ ڪٺي احساس پنهنجا باهہ ۾ ساڙي ڇڏيان،

زندگي ناڪام جي ڪا يادگيري ڇو هجي!؟

..........

اهي سيئي پلايون ادب جي موجوده شعور وندن کان نصيب ٿينديون رهن ٿيون، مگر ٻي پاسي انهن پورهيتن کي ڏسندي هاڻ ڏکندي ۽ ڊڪندي حوصلو ووڙي وٺندو آهي تہ:

پنڌ ڇو تا ڇڏيو ڌرتتيءَ کان ڊڄي!؟

ڇو مرڻ تا گهرو زندگيءَ کان ڊڄي!؟

..........

نيڻ تنهنجا حوصلا ڏيندا رهيا،

درد کي جڻ فاصلا ڏيندا رهيا!

..........

حوصلن سان گذاري حياتي! ڏسون،

آس جو ديپ ٻاري حياتي! ڏسون!

جڏهن اهي سڀ مشاهدا ڪجن ٿا تڏهن زندگيءَ جي جنگ جو مقصد سمجهہ ۾ اچي وڃي ٿو ۽ سفر جو هر اوکو پل بہ اداسيءَ جي اک



www.sindhsalamat.com

کان اوجهل ٿي ڪَٽي سگهجي ٿو، ساهَن جو سرڻ وقت جو وهڻ ڪائي سڌ ئي نہ ٿي پوي تہ گهڙيون ڪلاڪ ۽ ڪلاڪ ڏينهن، ڏينهن هفتا ۽ سال بہ نبري وڃن ٿا مگر انساني سهپ آهي ڪڏهن ماتم تہ ڪڏهن مرڪڻ اهي سڀ زندگيءَ جا لمحا آهن جيئندي لکندي ڏسندي ڪٽي سڌ پئي!؟

منهنجو هي ٽيون شعري مجموعو ”آڪاس آ اڪين ۾“ اڄ اوهان پڙهندڙن جي هٿن ۾ آهي ساڳيا سور نوَن لفظن جي پوشاڪَ پَهري پڙهندڙن جي اکين اڳيان ڳالهائي رهيا آهن. اِهو منهنجي لکيل شعر تي آهي تہ هو ڪيتري سگهہ رکي ٿو؟ ۽ روحَ سان ڪيترو ناتو جوڙي سگهي ٿو. اهو آئون ڇا چوان!؟ مون کي يقين آهي تہ وقت ڪنهن سان بہ نا انصافي ناهي ڪندو!

آئون بيحد ٿورائتي آهيان مرڪَ پبليڪيشن ڪراچيءَ جي جنهن منهنجو ڪتاب ڇپي پڙهندڙن جي هٿن تائين رسايو تهہ دل سان زبير سومري جي ٿورائتي آهيان جنهن هِنَ ڪتاب جي ڪمپوزنگ ڪئي ۽ احمد سولنگي، بيدل مسرور، پنهل، زبير سومري ۽ درد هوش محمد جي پڻ شڪرگذار آهيان جن منهنجي خيالن کي سامهون رکي مون کي ۽ پڙهندڙن کي پنهنجي راءِ کان آگاهہ ڪيو.

**شبانہ عالماڻي - مورو**

12_2_2017



www.sindhsalamat.com

ڪنهن لاءِ رڙيو آهين احساسَ! پَري سڏڪا!؟
تڙپي ۾ لُڇي، پَڇري، هر آس پري سڏڪا!

هر ساهُہ دغائن جو انسانُ ڪٽي ويٺو،
بي موت مَري ويندين، وشواسَ! پري سڏڪا.

قسمت جو ڏِنو مون کي مون چار پهرَ ڪاٽيا،
مون سانُ رُنين پل پل بنواسَ! پري سڏڪا.

هر ٻُوند برهَہ واري هئہ عُمر سڄي زاري،
وَسُ وَسُ تہ روئان تڙپان، آڪاسَ! پري سڏڪا.

توکي بہ شبانہ! جي آ دردَ وِڏي ڇُهندي،
اڄ ڪيئن رُنو آهين، بي قياسَ! پري سڏڪا؟



ڄُڳُٿ جيءُ سارو، نگاهون شبانہ!
پَهرُ ڏيکُ پيارو، نگاهون شبانہ!

زبان ساڻ ڳالهيون تہ سڀ ڪو ڪري ٿو،
عجبَ جو اشارو، نگاهون شبانہ!

الائي تہ پلَ ۾ ٿيون ڪيئن پاڻي!؟
ڏِسي چاهُہ چارو، نگاهون شبانہ!

پَلي پي تہ آخر ڪَٽي پيرَ پلجن،
نہ ٿيون ڪَن ڪنارو، نگاهون شبانہ!

وِڇوڙا وڏي واڪ ماتم پَيا ڪَن،
ڏسن چُپ نظارو، نگاهون شبانہ!

جيوَن مسافتن ۾ ٿَڪجي پيو ڪَجي ڇا!؟
انسانُ آفتن ۾ ٿَڪجي پيو ڪَجي ڇا!؟

آهي وشالُ رستو مَنَا! محبتن جو ليڪن،
ڪوجيءُ چاهتن ۾، ٿَڪجي پيو ڪَجي ڇا!؟

چوندو رهيو جو زاهد آهيان جهان ۾ سو،
هلندي عبادتن ۾ ٿَڪجي پيو ڪَجي ڇا!؟

ويچو ڇَڏي ٿَڪائي پرواهہ ڪائي ناهي،
احبابُ قربتن ۾، ٿَڪجي پيو ڪَجي ڇا!؟

نفرت ڪري شبانہ! ٿڪجي پوي ٿو سڀ ڪو،
مشتاقُ محبتن ۾ ٿَڪجي پيو ڪَجي ڇا!؟



ڀُونءِ ۽ آسمانُ ڳالهائي،
ڪاش گُونگو جهانُ ڳالهائي!

شورُ آهي خيال جو مون سان،
قلب جو پِيو مڪانُ ڳالهائي!

ڪواَجهي مان پَيو سَڏي هُن کي،
ڪونہ ٿو لامڪانُ ڳالهائي!

ڏيانُ داناءُ لوڪ جو ناهي،
نينهن پنهنجو نادان ڳالهائي!

شعر ڏسُ تون پڙهي شبانہ جا،
سورُ پيو ٿو جوانُ ڳالهائي!

ڏورين سان هِن پيارَ وڏي ويا،
اُلڪا دل جا ڏارَ وڏي ويا!

جيءُ جڏيءَ جو جهورين جهوريو،
پاري آهِن بارَ وڏي ويا!

نانءُ وَتو مون تنهنجو ڇا ٿيو!؟
پنهنجن جا تڪرارَ وڏي ويا!

نيٺ تہ ڪِرندو جُهوپو مَنَ جو،
ويساهن ۾ ڏارَ وڏي ويا!

تنهنجون سارون سڏڪن مون سان،
نيڻن جا هِن نارَ وڏي ويا!

سورَ شبانہ! اوريان ڪنهن سان؟
توريءَ جو آزارَ وڏي ويا!



نيڻَ نماڻا، ڇاڻي وڃان،
پنهنجا ساٿَ سڄاڻي وڃان.

ساهَ، صبح جي سرت نہ ڪائي،
پيارَ وِرهائي هاڻي وڃان.

جيوَن! چارَ وِڪون مس آهن،
خوبُ محبت ماڻي وڃان.

مون ڀي سچ جو ساٿ ڏنو آ،
ڪوڙ ڪِرودي اگهائي وڃان.

دل جي ڳالهہ هلي ٿي راڻا!
موڙ نہ محبت ناڻي وڃان.

ويلَ شبانہ! الفت جي آ،
بيشڪ ويڙ سياڻي وڃان.

جهٽ پلُ تہ ساهُہ ساهجُ ٽڪجي نہ تون پيو آن!؟
هَن پيچرن تي راهي! وڃجي نہ تون پيو آن!؟

ويساهَہ ۾ لِڪائي سڀ وارَ ڪَن پَيا ٿا،
ويساهَہ وارا پيارا! ڏڪجي نہ تون پيو آن!؟

ڇو سوچَ ڪان پٿر ٿو سَهندو وَتين سياڻا!؟
احساسُ ميٺڙُ توکي سَٽجي نہ تون پيو آن!؟

اڄ وچ ڇڏي ڏني تو، دل ۾ پَيون دراڙون،
مونڏانهُن منهنجا سائين! گهٽجي نہ تون پيو آن!؟

ڇا لاءِ ڇئہ شبانہ! هر ويل ماٺِ آهين!؟
پنهنجن هَٿان نماڻا! ڦَٿجي نہ تون پيو آن!؟



ڪاوڙ، ڪاتي ڏيندا توکي!
دل جا پاتي ڏيندا توکي!

منهنجا جيڪي پائر هوندا،
دشمن، ڇاتي ڏيندا توکي!

سُندر پنهنجا خيال ڪٽي هَلُ،
ويلَ نہ آتي ڏيندا توکي!

سانديڄ سپنا ڏرتيءَ جا سَوَ،
سُورُ نہ ذاتي ڏيندا توکي!

وهمَ وڪوڙي ويندئي وئرت،
سُورَ مماتي ڏيندا توکي!

نِنڊڙا جذبا پڙهہ ڏس منهنجا،
ٻولي ٻاتي ڏيندا توکي!

ريت شبانہ! چاهت چاهت،
پيارَ حياتي ڏيندا توکي!

دمُ نہ مايوس ٿي گهارجان واٽَ ۾،
ڏات ڏيئا ڪري ٻارجان واٽَ ۾!

آنءُ توڪان پري ڪين آهيان ڪڏهن،
سورَ اوڏا ڏسين سارجان واٽَ ۾!

امتحانن مان گذري تہ ويندا سيئي،
هانءُ هيڪل نہ تون، هارجان واٽَ ۾!

لوءِ لڳندي پئي لوءِ رُڪڻي نہ آ،
ياد سان هينئڙو ٺارجان واٽَ ۾!

لُڙڪَ تنهنجا شبانہ! سيئي بي بَها،
پاڻ روئي نہ تون ڳارجان واٽَ ۾!



جيوَڻ جڳ ۾ سَهنجو ناهي،
سورن ۾ دمُ ڪنهن جو ناهي!؟

عمر هٿن ۾ آهي ظاهر،
سور مگر سو پنهنجو ناهي!

نانءُ وٺي ڏس مون کي راڻا،
دردُ دنيا ۾ ڪنهن جو ناهي!؟

آسن ڪان رکُ آجو مَنَ کي،
ساهہ ڪٽڻ پو اهنجو ناهي.

ساهَن اهڙو ساڙُ وڄايو،
باجو، ڪيسيو، بينجو ناهي!

ويرِ شبانہ! جنهن جو سچ سان،
قُربَ ۾ نالو تِنهن جو ناهي!

پارُ ڪوئي نہ آهي پَتو موتَ جو،
عمر، ڪھڙو ڳَجي پرسو موتَ جو!؟

زندگيءَ جي ڏکن ۾ سُکن کي ڇڏيو،
ڇڻ وَڏي آ ويو هي خفو موتَ جو!

قرب جي پُونءِ تي چار ڳالهيون ڪيون،
وقت مقرر نہ ڪو دوستو، موتَ جو!

آسرا هارجي ٿا حياتي! وڃن،
اوچتو ٿو اچي جي ڏِڪو موتَ جو!

جيسيتائين جيئڻ جو جُڳُت آ پرين!
ڪين ٿيندو ختم ڪو قصو موتَ جو!

سورَ سامهون شبانہ! ڏسي تون نہ ڊِڄُ،
سورَ پيي ٿي پوَن ٿا حِصو موتَ جو!



نيرَ ناهن تُور ٿو وهندو رهي،
ساهَہ مان ڇڻ سورُ ٿو وهندو رهي.

نيڻَ پياسا پاڻَ جا ڪيسين ڏسن!؟
واهُہ ڪوئي ڏورُ ٿو وهندو رهي!

پيرَ، هَٿَ خالي ڏٿا سنسارَ جا،
واتَ مان منشورُ ٿو وهندو رهي.

پيارَ جو وڻ زندگي ان مان ڏسو،
ھندَ سان پَلُ پُورُ ٿو وهندو رهي؟

نيڻَ تنهنجن ۾ شبانہ! مون ڏٺو،
سورُ ٿي ناسورُ ٿو وهندو رهي!

رڻن ۾ سڙيندي زمانا لڳي ويا،
اوهان ڏانهن ايندي زمانا لڳي ويا!

لَٿن منجهہ ناهِن رهن ساهَہ ۾ ٿيون،
سنپارون چنڊيندي زمانا لڳي ويا!

وجي لوڪ پهتو ڪِٿان ڪان ڪِٿي دل ـ
اوهان ڪان پليندي زمانا لڳي ويا!

بَسيرو اسان جو ٿيو ڪونہ هِتڙي،
پَکو گهرُ اڏيندي زمانا لڳي ويا!

رهون ٿا پيا انتظارن ۾ توڙي،
اَجلَ، توکي نيندي زمانا لڳي ويا!

شبانہ! نهاري ڪٽي نيڻ راهون،
پَکو مَنَ کي ٿيندي زمانا لڳي ويا!



موت پي مامُ آهي مَري ٿا ڏِسون،
نيٺ هِڪوار چاهي مَري ٿا ڏِسون!؟

عمر هر دئورَ ۾ وَلولو ٿي رَهي،
هاڻ اُلڪن کي لاهي مَري ٿا ڏِسون!

ڪِينَ ساهِيو ڪڏهن پاڻ دَمُ ڏيهَہ ۾،
هيلَ ساهَنِ کي ساهي مَري ٿا ڏِسون!

زندگيءَ ۾ گهٽو ٿي سِڪيو آ مگر،
موٽ ڏِسجي تہ چاهي مَري ٿا ڏِسون!؟

بي رُخي ڪينَ ڏيندي جيئڻ ڪا گهڙي،
دل، پٿر کي او چاهي مَري ٿا ڏِسون!

نيٺ مرڻو تہ آهي سياڻا! ڪڏهن،
موٽ مِهڻو بہ ناهي مَري ٿا ڏِسون!

حوصلا هي شبانہ، نہ ٽڪبا ڪِٿي،
باٽَ ۾ جيءَ! ڪاهي مَري ٿا ڏِسون!

ٻهارون چار ڏينهن آهن، خزائون چار ڏينهن آهن،
نماڻا، نيڻ پنهنجن ۾ اِڇائون چار ڏينهن آهن!

ٻڪارون جيءَ پنهنجي جون ٻرن سنسارَ ساري ۾،
ميان، ماٺار ٿي ويندڀون صدائون چار ڏينهن آهن!

ڏُکن توڙي سکن واريون پچارون جي ڪيون تن من،
مگر پنهنجون زماني ۾ ڪَٿائون چار ڏينهن آهن!

وَسي وينديون وري ڪاڏي لڪا سا پاڻ ڪي ناهي!؟
حياتيءَ جي مٿان سِڪَ جون گھٽائون چار ڏينهن آهن!

سدا رهنديون ڪٿي جاني! ٿڪي پونديون ڏنگي دل ڪي،
ٻڪي پنهنجي وڇوڙن جون بلائون چار ڏينهن آهن!

شبانہ! رنج جون ڳالهيون ڪجن ڪھڙيون ڪٽي ڪنهن سان!؟
جفائون چار ڏينهن آهن وفائون چار ڏينهن آهن!



مون سَنئو چا ٿيو سُور آيو تہ هو!؟
آڙ تنهنجيءَ ۾ مَنُ ڪنهن رنجايو تہ هو!؟

تِيرَ لفظن پريا پو بہ وسندا رهيا،
گھاءُ هر ساهَہ ۾ پر لڪايو تہ هو!؟

راضپو پو بہ تنهنجو رهيو مون مٿان،
ڏات، توکي مٿي مون لڇايو تہ هو!؟

تو پري ٿي رکيو هر گھڙي پاڻ کان،
پاڻ ۾ پو بہ توکي سمايو تہ هو!؟

حوصلو جا بجا ساهَہ ساندي رکيو،
دل، دکي دردَ توکي ٿَڪايو تہ هو!؟

هاڻي پڇتاءُ کھڙو شبانہ! ڪجي!؟
پنڌ پنهنجو سمورو اجايو تہ هو!؟

ٺَري پيئي ٺري پيئي زمانا! وڇون ٿا،
اکين جا ڇڏي آشيانا وڇون ٿا!

مٺي جيءَ ۾ جاءِ ڏيندي اسان کي،
ڇڏي ڏيهَه ۾ ڪُل فسانا وڇون ٿا!

انهن منجهه يادون اسان جون اسان جون،
لڪي پيارُ وارا فسانا وڇون ٿا!

اڪيلا اڪيلا اسان راهي رِڻ جا،
ڇڏي سات سڀ هر بهانا وڇون ٿا!

اوهان جون نگاهون ڪنديون ڪنهن کي گهايل!؟
اسان ٿي اوهان جا نشانا وڇون ٿا!

اسان سُورَ تنهنجي وفا کي ميڃوسين،
چڱو موڪلاڻي شبانا! وڇون ٿا!





وڃين ٿو پر ٻڌايون وَڃُ،
وَٺاڻن تي وَري وَرنديئن!؟

تَپايلُ ٿو لڳين گهر جو،
مٺا ماڻهو! ڪِٿي ٺرنديئن!؟

سَراپا عشق ٿي ويو آن،
زماني کان نه تون ڏرنديئن!

گهڙو دل جو پڪو رکجان،
سدائين تارَ ۾ ترنديئن!

اُماوَس ٿي وئي چوڏس،
ڪڏهن مهتابَ! تون ٻَرنديئن!؟

پرائو دردُ پاتو تو،
پيو هر جاءِ تي ڳرنديئن!

شبانه پيارُ وٽ پائي،
نه تون هِن دل منجهان مرنديئن!

سپ ڪٽي احساسَ پنهنجا باهَ ۾ ساڙي ڇڏيان،
زندگي ناڪام جي ڪا يادگيري ڇو هجي!؟

قرب ۾ آهي ڪنجوسي دل ڪئي هر گام تي،
ظاهري زردار واري پو اميري ڇو هجي!؟

محبتن جي آڙ ۾ پل قيد ڪاٽيان مان ڪٽي،
جيءَ جي جذبن اڳيان ڪائي اسيري ڇو هجي!؟

ديسَ ڪي ڪائي ويا آهن عقيدت ريت سان،
آجپو وَٽُ آجپو هي ميري پيري ڇو هجي!؟

ديسَ جي هر دردَ کي ويهين وساري جي اگر،
پو شبانه، اهڙي ڪوڙي ڇڏ فقيري ڇو هجي!؟



www.sindhsalamat.com

هئا چار لمحا گذاري ڇڏياسي،
اسان پنڌ سارا وساري ڇڏياسي!

اکين وارا جارا ٿيا هاڻ خالي،
پکين جيئن سپنا اُڏاري ڇڏياسي!

خواهش رهي پاڻ سان ڪا نہ هاڻي،
سيئي آسرا جو سمهاري ڇڏياسي!

نہ ٿو موتَ جو خوف ماري ڏچاري،
نوان نيهَن پنهنجا نِڪاري ڇڏياسي!

ڏئي حوصلا ۽ دلاسا سدائين،
جَڏا جيءَ جڳ ۾ جيئاري ڇڏياسي!

شبانہ! انهن جي اوهان کي آ پارت،
اوهان جي اسان شعر لاري ڇڏياسي!



www.sindhsalamat.com

اکين جي ڳوٺَ ۾ هاڻي،
اڏيا پنهنجا پَکا آهن!

مسافر ڏور هِن وڃڻا،
نہ ٿا جو پيرڙا ساهِن!

اُهي ڪردار ڪاهوڙي،
پَيا هر ويلَ جو ڪاهِن!

وري پي آسَ ڇو تِن ۾؟
اسان جو ڀاڳ جي ناهِن!



بنا کهڪاءَ جي ماڻهو!
پَيا هِت دل جو گهر ڊاهِن!؟

وڃن ٿا واءُ واريءَ جان،
حياتي، ڏينهڙا ڇاهِن!؟

پَڪا هِن حوصلي وارا،
نہ ٿا جي آسرا لاهِن!

ڪٽي سِرَ سان ڪفن سڀ ڪو،
تہ ڪنهن لئہ ناهَہ ٿا ناهِن!؟

شبانہ! نيڻَ اوسيئڙا،
الائي ڇا پَيا ڇاهِن!؟

دوستن جا ساٿَ ساري ڪيئن ٿوا؟
هيڪلو جڳَ ۾ گذاري ڪيئن ٿوا؟

ميڻَ جهڙو مَنُ نرمُ ڳرندو پيو،
پر پٿر دل کي پِگهاري ڪيئن ٿوا؟

ماٿِ ۾ ٿو سور مَنُ پنهنجو سَهي،
پاڻَ کي ايئن پاڻ ماري ڪيئن ٿوا؟

ياد آهن ساهَ کي ڳالهيون سيئي،
پيارَ جو پل پل وساري ڪيئن ٿوا؟

رات جي اونداهَ ۾ سڏڪا پري،
پاڻَ کي دَرَ تي پڪاري ڪيئن ٿوا؟

انتظاريون آسرا سارا وَٺي،
هئہ مٿيءَ وانگر سمهاري ڪيئن ٿوا؟

ڏيانُ اِن پاسي شبانہ! ڇو ڏِجي!؟
پاڻ کي جڳَ ۾ نِهاري ڪيئن ٿوا؟



ڏنو وقت! توکي سچو رٿ ولوڙي،
گذاري حياتي سَڄي لوڙي لوڙي!

پَيو دليون ٿوڙين زمانا! سدائين،
نہ ٿو ڪيئن ڪنهن جو پيو جيءُ جوڙي!

اوهان ٿي پَڪا وِيا اوهان جي آ مرضي،
اوهان ڏانهُن مَنڙو نہ ٿو مُنهن موڙي!

وِرهَہ وَڻَ جي هيٺان ٿِيا جُهور جذبا،
سموري جواني وَيو دردُ ڇوڙي!

رُنو رُوح ڪنهن جو رڙيو روح ڪنهن جو!؟
هلي حال دل ڪنهن دکيءَ کان پڇو ڙي!

ڪنارا پَري نا خُدا، ڪيترو هِن!؟
شبانہ! ڏکن جي ندي ويندي ٻوڙي!

جندُ ڪري تون پنهنجي مَنَ کي،
داڙهو داڙهو پيهُن ڏُکن جو!

سپنا ساري رات سڪن جا،
ساپيان، ساڳيو ڏينهن ڏکن جو!

رم جهم رم جهم نيڻَ گهٽائون،
روز وَسي ٿو مينهن ڏکن جو!

ڪينَ خِزان ۾ ساڙيو هِنَ کي،
سائو آهِه سريهُن ڏکن جو!

پو به شبانه! تو لئه خوشيون،
توڙي مون وٽ نينهن ڏکن جو!



قربَ ۾ آ قسم پٺائيءَ جو،
خوفُ آهي رهيو جدائيءَ جو!

پاڻ متجانءِ ڪينَ تون باقي،
ڪوبه ٱلڪو نه آ خدائيءَ جو!

آهي خاموش ٿي سَٺو ڏاڍو،
تو سِوا دردُ هيڪلائيءَ جو!

پيرَ سڙندا، پيا ڏکيو آهي،
پو به رستو پَلو پلائيءَ جو!

بي گناهي پئي اجان سڏڪي،
ڪِينَ موقعو ڏنئي صفائيءَ جو!

ڇڏ شبانه حِجابَ تون سارا،
وقتُ آيو هي آشنائيءَ جو!

ساڳيو سور سرور شبانہ!
پيارُ تنهنجو پُور شبانہ!

دردن سان ڀر جهولي پنهنجي،
دنيا جو منشورُ شبانہ!

سوريءَ تي ڀي مرڪي اهڙو ــ
آهي اڄ منصورُ شبانہ!؟

گهاوَ نہ ئي ايذاوَ ڏنائين،
نينهُن نہ ٿيو ناسور شبانہ!

چاهت چاهت چاهت جيئي،
پنهنجو هي دستور شبانہ!

سورَ ڏئي ڪڻ خوشيون مون کان،
سودو آ منظورُ شبانہ!



آنءُ پنهنجو گهران ٿي حصو دردَ جو،
ڏيهَہ ۾ ٿي پوان شل قصو دردَ جو!

هر اکر کي حياتي ملي ٿي ملي،
نانءُ تحريرَ ۾ جي لکو دردَ جو!

سونهن سِڪَ کي سجاڻ گهرو ٿا تہ پو،
هر قدم تي سبقُ پيا سکو دردَ جو!

لوڪَ ۾ ناهي اهڙو وفا جو جڳہ،
جيءَ سان واسطو مون ڏنو درد جو!

قلب جو ڄهوپڙو هو ڀِنو رات ڀر،
مينهڙو جو وِرهَہ ۾ وٺو دردَ جو!

بيوفا سان شبانہ، وفا ٿو ڪري،
واسطي ڪي نپائڻ ڏِسو دردَ جو!

مان سَڙي آهِيان او گهٽائُون! وَسو،
آنءُ ٿي چاهِيان او گهٽائون! وَسو!

ڏرتتي پيرَ چا ساھُہ ساڙي پئي،
ماڳ ڏي ڪاهِيان او گهٽائون! وَسو!

رُوح روئي ٿيو آهي ساڻو صفا،
ساٿَ ۾ ناهِيان او گهٽائون! وَسو!

سَڏُ سڻي ڪونہ ٿو هِنَ بيابان ۾،
درد ۾ دانهِيان او گهٽائون! وَسو!

ويلَ اوکي بہ نبري تہ ويندي ڪڏهن،
هانءُ چو لاهِيان او گهٽائون! وَسو!؟

پيرَ آهن شبانہ، پِٿون پنڌَ ڪيا،
ساهَ جهٽ ساهِيان او گهٽائون! وَسو!



ڇِڇي مون کان تہ گهارين ٿو،
گهڙي ڪا خوش گذارين ٿو!؟

تڏهن هِڏڪي ورائي ٿي،
جڏهن دل سان پڪارين ٿو!

ڪڏهن اکڙيون اڪيلو تون،
ستارن کي نهارين ٿو!؟

ڪرين ٿو ياد ماضيءَ کي،
ٻِيو سڀ ڪجهہ وسارين ٿو!

اِياڳو تون پيو سڏبين،
محبت جي ڏکارين ٿو!

وري ڪنهن لاءِ تون دل ۾،
هي ٻيهر ديپُ ٻارين ٿو!؟

مجان فرهاد مان توکي،
پٿر کي جي پگهارين ٿو!

شبانہ کي سنياريندي،
اجان پي لُڙڪ هارين ٿو!؟

مون سان نہ ڪنهن جو ناتو ارمان جي دنيا ۾،
مونکي نہ تو بہ ڇاتو ارمان جي دنيا ۾!

مرڪڻ وجي ٿو وسري سڏڪڻ بہ بزدلي پر،
هر ويل روح آتو ارمان جي دنيا ۾!

توکي قدرُ بہ ڪهڙو ڪنهن جي ٿئي ڏکن جو؟
تو پيرُ جو نہ پاتو ارمان جي دنيا ۾!

مون ساڻ من! وڇوڙو آهي رهيو هميشہ،
سُر چينَ جو نہ ڳاتو ارمان جي دنيا ۾!

پل پل نراسُ گذريو پنهنجو شبانہ! ليڪن،
سنسارَ کي سُڃاتو ارمان جي دنيا ۾!



سچو چينُ پنهنجو وڃائي وَران ٿي!
اکيون، آتما، دل، سِڪائي وَران ٿي!

اجان پيي مَياري پرين! آنءُ تنهنجي،
سچو نينهن توڙي نڀائي وَران ٿي!

نہ ڪنهن غيرَ جو ساٿُ سايو رهيو آ،
زماني ۾ تنهنجي سڏائي وَران ٿي!

ويو سڀ هٿن مان وهي وقت وانگي،
مگر پيارُ پيارا! بچائي وَران ٿي!

شبانہ! وري سُورَ اوڏا نہ ايندا،
خواهش کان دامن ڇڏائي وَران ٿي!

ڪِٿي بيقراري سُتي رات پر،
غمن جي نه ماري سُتي رات پرا!

رواجن جا نِشتر سنائين سَوين،
ڏُکي ناهي ناري سُتي رات پرا!

رَڙي نيٺ ٻُڪيا ته ٻچڙا سُتا،
نه جيجل ٻُڪاري سُتي رات پرا!

رُڳو دردَ ڏمچر مچايو پئي،
نه پَلُ دل ڏُکاري سُتي رات پرا!

پيا پيرَ تنهنجا ڦَٽي رتَ ڳڙا،
نه سا ويلَ، واري سُتي رات پرا!

اوهان چينَ جي گهر جا پاتي سدا،
اوهان سان ٻَهاري سُتي رات پرا!

شبانه چِچِي توکان پيارا پرين!
نه تنهنجي هي پياري سُتي رات پرا!



www.sindhsalamat.com

زندگيءَ جون گهڙيون تيز تر ٿيون ڊُڪن،
وقت سان ڪينَ پو پِي پيون ٿيون پڇن!

ڪينَ سوچي پيو ڪو انهن تي الا،
سانوڻيءَ وانگيان چو ٿيون اکڙيون وَسن!؟

زندگي بي بقا بيوفا آ ته پو ـ
دائمي ساٿَ جا قولَ ڪهڙا ڪجن!؟

پِينگ ساڳي بيابان ۾ ٿي وَسي،
ڪا نه وسڪارَ ڪئي هيل پِي بادلن!

آسرا انتظاريون اکين کي اجان،
سورَ ڪيڏا نماڻيون ٿيون سانديو وتن!؟

نفرتن جو شبانه نه نالو رهي،
ديسَ ۾ چاهتون شالَ وڌيو وڌن!



www.sindhsalamat.com

عجب الفت نڀائين ٿو،
سِڪايل کي سِڪائين ٿو!

انهن ۾ آ خدا وَسندو،
دليون ڇا لئہ ڏکائين ٿو!؟

پرين ٿو پيٽُ تون پنهنجو،
ڇلهيون جڳ جون اُجهائين ٿو!

هلان ٿي دردا! مان توسان،
ڏِسان ڪاٿي ٽڪائين ٿو!؟

وڃي ٿو سور ٿي سُڪ جي،
اکيون مُرڪي ملائين ٿو!

اچين ٿو خواب ٿي مون ڏي،
حقيقت ۾ ستائين ٿو!

ڏئي احساس جيئڻ جو،
وڇوڙا ڇو وڌائين ٿو!؟

پرين! تون پيارَ جي ٻولي،
شبانہ منجهہ ڳائين ٿو!


www.sindhsalamat.com

تو بِن اهڙي عيد گذاري،
ماتم جهڙي عيد گذاري!

حال پڇين ٿو مون کان ڪهڙو؟
جهڙي تهڙي عيد گذاري!

سپنا سانديا نيڻن جهڙا،
ڪاٿي اهڙي عيد گذاري!؟

سڏڪا، اُلڪا، اوسيئڙا، ڏُکَ،
هئہ هئہ ههڙي عيد گذاري!

ڄاڻَ شبانہ! ناهي تنهنجي،
هوندئي ڪهڙي عيد گذاري!؟


www.sindhsalamat.com

ٻڌي پيي پَيا چڻ پڪارون نہ سمجهن!
اُهي قربَ ۾ جي ميارون نہ سمجهن!

ٿيا جيءَ نفرت خزائن جا عادي،
صفا پيارَ، سِڪَ جون بهارون نہ سمجهن!

ڀلا پيارَ جون ٻوليون ڪيئن ڄاڻن؟
پکين جون مٺيون جي تنوارون نہ سمجهن!

ڀُڪي منجهہ مايوس ماتام آيو،
طبيبا ڏُکي دل جو دارون نہ سمجهن!

ڪٽان. ساهَہ کهڙا سبب ريءَ ساڻا،
سڄڻ جون اگر ٿا سنيپارون نہ سمجهن!

شبانہ! ڄُڳَتَ جو رهيو دردُ تن ۾،
اکين جون اياڻا، نهارون نہ سمجهن!



www.sindhsalamat.com

ڪجهہ تو نڀايو آهي ڪجهہ مون نڀايو آهي،
سِڪَ جو سفر سمورو سرتا! سجايو آهي.

شامل رضا نہ دل جي جنهن واٽَ تي رهي ٿي،
سا وِکَ اجائي آهي سو ڏڳ اجايو آهي!

دم دم گذي گذاريو ڏڳ دوستيءَ ۾ جيڪو،
پل پل حيات جهڙو ڪاٿي ڀلايو آهي!؟

هڪ سارَ سُونهن تنهنجي ساهَن جيان رهي ٿي،
ڇا ڇا نہ زندگيءَ ۾ باقي وڃايو آهي!؟

تارن جي ڇت هيٺان ميلاپ ٿيو اکين جو،
مس مس دکي دلين کي اڄ چينُ آيو آهي!

تن کان ٿي سُورَ آيا، سوغات ٿي شبانہ،
جن لاءِ روز جهومي دل گيتُ ڳايو آهي!



www.sindhsalamat.com

عيد جي رات تڙپيا ٻُڪيا ٻارَ وو،
ڪير تن جا اُگهي نيرَ نيسارَ وو! ؟

اي خدا! ڪيئن تو سُور تن جو ڏٺو! ؟
جن جي ناهي خدائيءَ لڏي سارَ وو!

لاڙُ، ڪاڇو، اُتر، ٿَر سڄي سنڌ تي،
ڪَرِ سُکن جي تون ڏاتار، وسڪارَ وو!

ڪا نماڻي حياتي، رَڙي وئي هتان،
ڪينَ توکي لَڪا پئي چو سنسارَ، وو! ؟

پَرُ ٽِيون وَرُ پٽيندي ويو پاڻ جو،
آسَ آهي ڳُٽن هيل آزارَ وو!

واعدا تو اچڻ جا شبانہ! ڪَيا،
آهي تو وٽ رهي ڪيئن ويسارَ وو! ؟



عيدَ جي چندَ جو ڪهڙو اوسيئڙو! ؟
ڪونہ آيو پرين آهي پانڌيئڙو!

نيڻ راهون تَڪيندي وَهي هِن پَيا،
رات ٻاري رکيو آس جو ڏيئڙو!

ذات ڪهڙي اسان جي نہ ڪنهن سان مِٽي،
هيڪلو ٿو جيئي جيءُ جوڳيئڙو!

ڪو سُڄاڻي نہ ڄاڻي ڪَٽي ڏيهَہ ۾،
چار ويلا ڳَٽي ويندو هر جيئڙو!

درد ڪوئي دلاسو نہ ٿو ڏي پرين!
آءُ، مايوس آهي ٿيو هينئڙو!

ويلَ ڪائي اڪيلي نہ ٿي دل ٿئي،
خيال تنهنجو شبانہ آ ساٿيئڙو!

ريءَ تنهنجي اَلا، عيدَ گذري وئي،
سورَ ڏيئي ٿَها، عيد گذري وئي!

وقتَ جا پيرَ ڪنهن لاءِ رُڪندا نہ هِن،
مَنَ گهريا، تو سِوا عيد گذري وئي!

نيڻَ اُلڪن پريا راهَہ ڏسندا رهيا،
آسَ ۾ دلربا، عيد گذري وئي!

تون نہ آئين نہ آئين نہ آئين پرين!
رندَ رُويو ڏِٺا، عيد گذري وئي!

چينَ جو ڪوئي چارو نہ آيو نظر،
دردَ سان ڀَر مِٺا، عيد گذري وئي!

دل شبانہ! لڳي ماتمي پِڙُ پيو،
ٿِيا وڇوڙا ڪَٺا، عيد گذري وئي!


www.sindhsalamat.com

عمر هڪڙي آ پيارَ ۾ گهاريون،
نفرتن کي هميشہ وساريون!

ڪو پَٽيل نَنهُن نہ ٿا سگهون جوڙي،
پوءِ رب جي بَندي کي ڇو ماريون!؟

سازَ کي ساهَہ ۾ رکي ڇا لئہ،
پاڻ لئہ ٿا وڏايون بيزاريون!؟

قُربَ جي ناوَ ٿي ٻڏي سامهون،
اُٿ، اِنهيءَ کي هلي اسان تاريون!

آسَ انوارَ ٿي رهي جڳ ۾،
نيڻ پنهنجا پِيا ٻَري ٻاريون!

ياد جيڪي اَچن نہ ٿا دل کي،
ڪيئن تِن کي وري وري ساريون!؟

ڪا شبانہ! خوشي نہ ٿي وِڪجي،
ڪوڙ هِن ڏيهَہ منجهہ بازاريون!


www.sindhsalamat.com

اسان جي لئہ مٿان ڏسو زمينَ آسمانَ کي،
اسان ڇڏي ڏنو پرين! هِتان هُتان جهانَ کي.

اسان جا سُورَ ٿو سُڻي مگر خموش حال سان،
نہ ٿو پُڇي نہ ٿو ڪُڇي ڪجي ڇا ٻي زبانَ کي!؟

حيات چُپ ڏکي پئي لُڇي پئي لکي پئي،
آ درد هر زمان جو سَنڀالجو بيانَ کي!

اسان رهون نہ يا رهون جهانَ جي اکين اڳيان،
اسان جو پنڌ، پيارَ جي نہ ڊاهجو نشانَ کي!

شبانہ خواب ۾ پلي اڏار ڪر تون هر پهر،
وسارجان نہ پر ڪڏهن مٽيءَ جي شانَ مانَ کي!



سُورَ ٿاڪي ڪَري مَنُ سجائي ڇڏيو،
چينَ مون ڏي اَچڻ جو گهٽائي ڇڏيو!

مون تہ توکي نگاهُن سان ڏاڍو سَڏيو،
ڇو الائي ڏِسي تو لنوائي ڇڏيو!؟

عمر جي جهولَ ٿي نيٺِ خالي وئي،
وقتَ جي واٽَ تي سَڀُ وڃائي ڇڏيو!

ساٻِيان ڪونہ اوڏو اچي ٿي اچان،
آسرن جو اسان کي ٿَڪائي ڇڏيو!

قربَ محفل اندر نانءُ تنهنجو اُٿيو،
نيڻَ، دل، سِرادبَ سين جُهڪائي ڇڏيو!

حالُ دل جو شبانہ! ونديو ڏات سان،
سُورُ جيڪو هئو سڀ ٻڌائي ڇڏيو!

پنڌُ ڇو ٿا ڇڏيو ڌرتتيءَ ڪان ڊِڄي!؟
ڇو مرڻ ٿا گھرو زندگيءَ ڪان ڊِڄي!؟

عشق ميھارَ، سھڻيءَ جو ترندو رھيو،
سِڪَ نہ پنتي ھَٿي جو نديءَ ڪان ڊِڄي!؟

سورَ ايندا گھڙيءَ لاءِ ڇا ٿي پيو؟
روئبو ناھي اوکي گھڙيءَ ڪان ڊِڄي!؟

مون تہ شعرن ۾ آھي رکيو پيارَ کي،
ساڙَجون ويون اکيون شاعريءَ ڪان ڊِڄي!؟

سنڌ واسي! ٿِيون قربَ ۾ جي ڪَٿا،
دشمني پاڻَ ويندي ٻڏيءَ ڪان ڊِڄي!؟

ڇو شبانہ ڇڏي خيال اُجرا سيئي،
لوڪَ جي ذھنَ ۾ گندگيءَ ڪان ڊِڄي!؟



www.sindhsalamat.com

نيڻن ۾ ٿا تاتِين ڪيڏا وک تي ارمانَ،
ھوڙ ڇڏين پر ڪينَ ڪڏھن ٿا ويچارا انسانَ!

بيڏوھي ويا ماريا آھن واٽن ويندا رات،
سڙندي ارتين ساڻ رڙن ٿا دلين ۾ شمشان!

عشقُ اڙانگو ظاھر آھي عشق ۾ جيوَن! جوتِ،
جوتِ ازل جي مور نہ سمجھن ماڻھو! سي نادانَ!

ڪيئن بچائي دل کو پنھنجي تنھنجي نيڻن ڪان؟
نيڻ نظر ۾ ڦھري آھن، ڪانَ نسورا ڪانَ!

مونکي ڏي تون سور شبانہ، تنھنجو سور سرور،
پانئيان ويني تنھنجا سارا، گوندرَ مان احسانَ!



www.sindhsalamat.com

راتَ جي پيٽَ ۾ اويلي آ،
هيڪلائي سچي سهيلي آ!

پونئر مايوس ٿي پيا آهن،
نِردئي تو پَٽي چنبيلي آ!

روحَ جي راهَه تي پئي نڪري،
سور جي بي گناهه ريلي آ!

حالُ دل جو ڏيان پئي هِنَ کي،
ڏات مون لاءِ ٻانهَن ٻيلي آ!

ڪو سهارو ڪڏهن رهيو ناهي،
زندگي ڏيهه ۾ اڪيلي آ!

روز ڪوئي ٿئي پيو گهايل،
گهورَ تنهنجي ٻه چڻ گليلي آ!

ڪو شبانه! ٻڌي نه ٿو دل جي،
پرڪَ سگهڻ جي ڏنجهه پيلي آ!



نه ساڙ سرخرو ڪيو نه پيار چار پر ڏنا،
نه خيال ديپَ ٿي سگهيا نه مات لُڙڪ جر ڏنا!

نه چينُ چاشني چَکي، نه ٿوهَه ڪان لطف مليو،
عجيب جا بَجا هي تو حيات! چا پَهرَ ڏنا!

تنين ته ٺوڪرون ڏنيون اسان کي ديس ۾ اڇي،
جنين کي ڪالهه قرب جا اسان بنائي گهرَ ڏنا!

اسان پڪار جا ڪئي اها وڃي فلڪ رَسي،
زمين پر الائي ڇو دريون ڏنيون ۽ درَ ڏنا!

ڏِجي ميار لوڪ کي چڱو شبانه ڪونه آ،
برهه اسان کي هر قدم عذاب آڳ بَر ڏنا!

هٿن ۾ هٿو وقت نڪري ويو،
پڪيئڙو جوانيءَ جو اُڏري ويو!

اَڇي آسرن ۾ اَڇا وارَ ٿيا،
سچي نينهن جو دئور گذري ويو!

پنا ڪونہ آهن جو ميڙي وَٺان،
قصو درد جيوَن جو وِڪري ويو!

نِهاري سَڏي قرب مان چار پل،
گڏي ڪيرَ ۾ چڻ تہ مصري ويو!

شبانہ بچو ساهَہ جو سلسلو،
ڀيو سڀ ڪِٿي آهي وسري ويو!؟


www.sindhsalamat.com

مصيبت هي ناهي نہ گهبراءِ جاني!
محبت ڪيون ٿا جيئڻ لاءِ جاني!

ڏکن ۾ سکن جي پئي مند رهندي،
اداسي اکين ۾ نہ ترساءِ جاني!

اها مات تنهنجي ڪِٿي چين ڏيندي؟
ڪري ڳالهيون چار ڳالهاءِ جاني!

گهٽا ڏينهن ٿيئڙا ڏٺو اَڪِ نہ ڳوڙهو،
وڃي ساهُہ پرچي تون ايذاءِ جاني!

جِتي ساهَہ پنهنجا اُتي تات تنهنجي،
ڪَٿو آهين مون ساڻ هر جاءِ جاني!

ڪَري بسم الاهيون شبانہ مڃيندي،
ڪِلي ڪجهہ چپن ساڻ فرماءِ جاني!


www.sindhsalamat.com

قلم ۾ قدم جي سفر ساڻ آهيون،
ازل کان وفا جي اکر ساڻ آهيون!

ڏسون ٿا لِکون ٿا لُڇون ٿا زمانا!
سدائين وزن ۾ بحرَ ساڻ آهيون!

وِڇايون نہ ٿا ساعتون سونَ جهڙيون،
سچي زندگيءَ جي پَهَرَ ساڻ آهيون!

رکي سنڌ سامهون سِٽيون شاعري ٿا،
اُترِ لاڙ، ڪاڇي ۾ ٿرَ ساڻ آهيون!

پيائيءَ جي ٻولي ڪريون ڪينَ ڪو دم،
محبت جي مٺڙي ثمرَ ساڻ آهيون!

پَسون ٿا شبانا! نہ ئي عيب ڪِنهن جا،
رهيا نيڪ پنهنجي نظرَ ساڻ آهيون!



ديدَ، درشن جي ٿيندو پرين!
چينُ تَنَ مَنَ کي ايندو پرين!

پيرَ بي ٿُورُ پنهنجا اڳي،
وقت ڪيڏانهُن نيندو پرين!؟

حوصلو هانوَ سان هَلُ ڪَڍي،
دردَ جو دئورُ ويندو پرين!

جي وِڇوڙي وَتو جيءَ کي،
پوءِ ماري ڇڏيندو پرين!

تو سِوا دل ۾ جُهوپو اَچي،
ڪين ڪوئي اَڏيندو پرين!

سُورَ ويلي عمر هيڪلي،
حوصلو ڪيرُ ڏيندو پرين!؟

رات ساري شبانہ! رهيو،
ساهُہ توکي سڏيندو پرين!

ماءُ ارپي آهي لولي پيارَ جي،
تي اَچي هِڪڙي ئي ٻولي پيارَ جي!

ڪيَن اوڏو ٻاهِہ نفرت جي اچي،
شل رهي هر سائي جهولي پيارَ جي!

نيڻَ تنهنجا سمنڊ گِهرو نينهَن جو،
مرڪ تُنهنجي آهي ڇولي پيارَ جي!

رنگَ نِکرن پيارَ جا هر جيءَ ۾،
سَڀُ ملهايون خُوب هولي پيارَ جي!

ڇو پيو بارودُ اُلفت ۾ گڏين؟
ناهي ٿيندي ڪا بہ گولي پيارَ جي!

تون شبانہ! خوف ۾ ڇو ٿي رهين؟
ڪر سفر، هر واٽ سولي پيارَ جي!



www.sindhsalamat.com

انسانَ جو عمل ۽ ڪردارُ دَرسُ آهي،
هِڪ اَڌُ نہ پر سمورو سنسارُ دَرسُ آهي!

منزل اجا پري آ واٽون وڏيون هِن،
ويساهَہ جي رندن تي انڪار دَرسُ آهي!

ڪيڏي پيو مٽيءَ سان نفرت رکي نہ دل ۾،
ٻُڌڙا، جوانَ سمجهو هي ٻارُ دَرسُ آهي!

”موهن“ هجي يا ”مَڪلي“ ”قلعو“ هجي ”ڪوٽڏيجي“،
تاريخ جي مِٽيءَ جو آثارُ دَرسُ آهي!

تن من پيو جو ٺاري سنسارَ کي جيئاري،
سڀ لئہ شبانہ! سُندر هي پيار دَرسُ آهي!



www.sindhsalamat.com

نيڻَ تنهنجا حوصلا ڏيندا رهيا،
دردَ کي هِن فاصلا ڏيندا رهيا!

مان شڪايت ڪيئن ۾ ڪنهن سان ڪيان؟
سورَ دل جا دادلا ڏيندا رهيا!

ساهَ ۾ سنجيدگي چنبڙي پئي،
خيالَ دل کي زلزلا ڏيندا رهيا!

وقتَ جون واٽون وَڃي آهِن ويون،
لکَ صدائون قافلا ڏيندا رهيا!

ڪا گهڙي مايوس ناهي گهارڻي،
شعرَ پنهنجا فيصلا ڏيندا رهيا!

روحَ جا رِشتا شبانه! جيءَ کي،
ڏرتتيءَ ۾ چانورا ڏيندا رهيا!



آءُ هِڪوار روز ساريندين،
ڪينَ "مورو" ڪڏهن وساريندين!

ميلَ محبت جا زندگيءَ وانگي،
تون وڃي ڏُورُ نيتِ ماريندين!

ويل وچڙي نه اَڄ گذارين ٿو،
عمر ڀر ڏارَ ڪيئن گهاريندين!؟

وقتَ سيلاب ۾ ٻڏي پيئي،
نا خُدا! زندگاني تاريندين!؟

آنءُ تنهنجي ٿي ويجهڙي ويهان،
هڪ نظر پيارَ سان نهاريندين!؟

ديس اونداهه ۾ پيو گهٽجي،
خيالَ روشن عمل سان ٻاريندين!؟

مان شبانه! پري وڃان پيئي،
سارَ سان چارِ نِيرَ هاريندين!؟

تاتِ تنهنجيءَ ۾ هانءُ هُرندو آ،
روز تو ڏانهُن ساهُہ سُرندو آ!

ڏُور توکان حياتِ بي معنيٰ،
ساٿُ تنهنجو هي جيءُ گھرندو آ!

آ ازل کان ئي وقت تارازي،
آدميءَ جو عمل بہ ترندو آ!

دردُ تِنهن ويل ٿو لُڇائي دل،
جنهن گھڙيءَ چنگ چاهُہ چُرندو آ!

سُورَ جي سَٽَ سَهي نہ ٿو ماڻهو!
هينئڙو پورِ پورِ پُرندو آ!

آس جو گھر شبانہ! قائم پَرَ،
جيئڙو فرقتن ۾ جُهرندو آ!



الائي تہ ڪاٿي کُٽي هي سفر؟
نہ ڄاڻان ڏکن جو اديون، مان بَحر!

اکين ۾ اجارو بيابان آ،
اميدن ۾ ساڳيو سکن جو شهر!

وري پي تہ جيئڻو پوي ٿو پرين،
وڇوڙن بڻائي حياتي زهر!

خبر ڪانہ آهي گهڙي ٻي مِلي،
اچان ويهُہ، گهاريون پريتم پهر!

ڏِسان ٿي ڏُکارا اندر ۾ سپيئي،
سَهَن ڪيئن ماڻهو! پيا هي قهر!؟

مٿان ڏرتتيءَ جو تِکو تاءُ آ،
ڏِنو قسمتن هي ڏکن جو ڏهر!

شبانہ! سياهہ رات کان ڏر نہ تون،
اِجهو هُو اچي ٿو صبح جو سحر!

ناهي ٿيندي ٿورڙي ڪا زندگاني پيارَ جي،
سنڌ جي درياهَہ وانگي رُخ، رواني پيارَ جي!

پيارَ مون کان هر پهر نغمو لکايو پيارَ جو،
ذات منهنجي ٿو وڌائي مهرباني پيارَ جي!

سورَ، سڏڪا، آهَہ اُلڪا جيءَ منهنجي سان رهن،
ساهَہ ۾ ساندي رکي مون هر نِشاني پيارَ جي!

وقت سان ويندي هلي اڄ قرب جا ڪلما پڙهون،
چارِ ويلا زندگاني جهتَ، جواني پيارَ جي!

ڪينَ ڪجهه پيي پيو شبانہ، دل سڄڻ طلبي پئي،
جا بَجا آهي نماڻي دل ديواني پيارَ جي!



ڇا جا رِشتا ڪُوڙا سارا ساهُہ اڪيلو آ،
قائم دائم دل ۾ هِڪُ الله اڪيلو آ!

ساهُہ گُهري ٿو پيارَ پچارون ساڙولي جڳ ۾،
ساٿي سورن ۾ ٿيو ڪهڙو چاهُہ اڪيلو آ!

واٽن تي ويچاريون وڪڙيون واريءَ تي ڏورن،
مون سان منهنجو پاڇو ئي همراهُہ اڪيلو آ!

شعرن جي فهرست بڻايو ساري عالم جي،
عينُ اڪابر مڙني ۾ پٽ شاهُہ اڪيلو آ!

ٿاهَہ ٿگيءَ ۾ لوڪ شبانہ! ساٿين سان آهي،
سورَ سچائيءَ ساڻ رهيو ويساهُہ اڪيلو آ!

مِٽي تي ڳالهائي مِٽي تي ڪنائي،
مٽي، سورُ تنهنجو مِٽي تي ٻڌائي!

سڄو ڏيهُہ سرهاڻ پاسي پيو ٿو،
گلابن کي خود سان مِٽي تي گڏائي!

نہ ٻي ڪا بہ جيوَتَ بشر وانگي آهي،
ازل کان ئي افضل مِٽي تي سڏائي!

ڪَجي موت کان خوف ڪهڙو خدارا؟
مٽيءَ کي مٽيءَ سان مٽي تي ملائي!

اچي پائي پوشاڪَ اُڏري ٿو ماڻهو!
الئہ ڇو مٽيءَ کان مِٽي تي لنوائي؟

شبانہ! اِهو درد ماري پيو ٿو،
مٽيءَ کي ازل کان مٽي تي ڏکائي!



پريت پريو بيان آهيون،
صداقتن جو جهان آهيون!

جتي ڪِٿي هِن اسان جون وايون،
زمين ۽ آسمان آهيون!

اچي ٿيا دردَ دل جا پاتي،
اسان ڏُکن جو مڪان آهيون!

وَجي بہ وسري سگهون ڪٿي ٿا؟
اسان زمانا! زمان آهيون!

عمل نہ جنهن جو پڇي اسان کان،
ڪندا نہ اهڙو گيان آهيون!

رهي شبانہ! پچارَ سَچ جي،
ڪندا نہ جڳ جو زيان آهيون.

ڏُکڻ جي کِلڻ جي اِها ويل آهي،
ڇڇڻ جي مِلڻ جي اِها ويل آهي!

اڃان ساهہ سر پر ڪري ٿو لِڱن ۾،
اڳي ڪجهہ وڏڻ جي اِها ويلَ آهي!

اوهان جون نگاهون ڏِسي قلب سوچي،
اکين کان ڳسڻ جي اِها ويلَ آهي!

سياڻي هُجي ڪير ڪنهن کي پَتو آ؟
اڇو جي اَڇڻ جي اِها ويلَ آهي!

شبانہ! سچو ساهَہ جو آهي چرخو،
ٿهڻ ۾ رُسڻ جي اِها ويلَ آهي!





ڪِينَ ڪنهن کي مِليون هِن وفائون هِتي،
درد ماري نہ دل، ڏي صدائون هِتي!

ڪيئن ڪوئي ڪَٽي ساهَہ سڪَ جو ڪڏهن،
مينهن وانگي وَسن ٿيون جفائون هتي!

سورَ توکان وَٺي ساءُ توکي ڏيئي،
ڪونہ اهڙيون ڪندو آ سخائون هتي!

روز جهوليون اُجاڙيون وڃن ٿيون لَڪين،
نِيرَ رَتُ جا وهائن ٿيون مائون هِتي!

دردَ پنهنجا ڪٽي جيئڙا ٿا هَلن،
ڪيئن تنهنجون پڙهي ڪو ڪَٿائون هتي!

ويڙ ڪنهن سان رَکان ساڙ ڪنهن کان سِکان؟
چار ڏينهڙا شبانہ! هان آئون هتي!



www.sindhsalamat.com

اجان تون نہ آئين نِهارون پڇن ٿيون،
وڇوڙن جون قاتل ترارون پڇن ٿيون!

اِهي توکي هِڏڪيون ڏنيون هيتريون ڪنهن!؟
سيئي ساهَہ جون چڻ سَنپيارون پڇن ٿيون!

وسارڻ وطن کي وڏو ڏوهہ آهي،
مٽيءَ جون بہ آخر مَيارو پڇن ٿيون!

نہ ٿو ڪو سٽي چو ڪنن جي بہ هوندي؟
ڏکي دل جون پَڄري پڪارون پڇن ٿيون!

شبانہ! اُداسي اڃان چو اکين ۾!؟
سوا تنهنجي جاني، بهارون پڇن ٿيون!


www.sindhsalamat.com

حوصلن سان گذاري حياتي! ڏِسون،
آسَ جا ديپَ ٻاري حياتي! ڏسون.

نيٺ ڪهڙو مزو ٿو ملي پاڻ کي؟
جيءَ جڳ ۾ جِياري حياتي! ڏسون.

پيارَ جي ڏيهَہ مان سڏ سڏي ڪو مَتان،
پيارَ سان ٿا پڪاري حياتي! ڏسون.

هر قدم تي سکيو وقت گهاريو گهڻو،
درد مندن سان گهاري حياتي! ڏسون.

وري پيارَ جون ٿا پَچارون ڪيون،
پٿر دل پِگهاري حياتي! ڏسون.

لوڪ اونداهِہ ۾ ٿو شبانہ! مَري،
قربَ جي لاٽَ ٻاري حياتي! ڏسون.


www.sindhsalamat.com

عشق اگني نہ چئہ هي ٿڌو آبُ آ،
عشق انسانيت جو سچو باب آ!

عاجزي، نياز ۽ قرب بهتر پلو،
چار ڏينهن لئہ چو رعب ۽ تاب آ!؟

سورَ وارن کان پڇ عمر جي ساپيان،
چينَ وارن جي لئہ زندگي خواب آ!

عمرجنهن پل پچي ٿي وڃي تنهن گهڙي،
موت جيوَن جو لاهي ويندو لاب آ!

پوءِ کهڙي حياتي اُها ڏيهَہ ۾؟
جنهن ۾ شامل سچو کونہ احباب آ!

چو شبانہ! اُفق ڏي ڏسان مان جڏهن،
منهنجو محبوب ڏرتيءَ تي مهتاب آ!



www.sindhsalamat.com

ڌرتتي او ڌرتتي _ ڌرتتي او ڌرتتي!
پيرَ پنڌن کيا پِٿون تون نہ ايڏو تاءُ ڏي!

ساڙ جي ٻولي لڳي هانوَ ۾ گولي پئي،
هنجَ پنهنجيءَ ۾ رَکي مون کي لولي ماءُ! ڏي.

تو گهرڻ کان ئي سِوا سڀ ڏنو آ ڏيهَہ کي،
بي قياسن کي خدا! ٿورڙو کهکاءُ ڏي.

فرقتن جي آڳ ۾ زندگي سڙندي رهي،
وِصل جي هِنَ واٽَ تي کجهہ گهڙين جو ساءُ ڏي!

جِيتَ سکڙن جي دڳن تي رهي تنهنجي پرين،
اڄ شبانہ! دردَ جو مون کي جيتڻ داءُ ڏي!



www.sindhsalamat.com

وَڏي ٿي وئي آ ملڻ ۾ وِٿي!
ڪئي وقت ڪاٿي ڇِنڻ ۾ وِٿي!

ڏُکن جي پٺيان ٿا اچن روز ڏکَ،
اچي ئي نه ٿي ڪا ڏکڻ ۾ وِٿي!

نراسا نراسا ڪٽيان ڏينهڙا،
وڇوڙن وڌائي ڪلڻ ۾ وِٿي!

نه ڪو پل سُکن جو مان سنيران ڪڏهن،
سڄڻ! آءُ ٿيندي لُڇڻ ۾ وِٿي!

گهڙيون ريءَ تنهنجي زهر وانگيان،
شبانه! مِلي ڪر مرڻ ۾ وِٿي.



پِيا! تون پري ڪان پڪارون نه ڏي،
اندر کي وڍِيندڙ سنيارون نه ڏي!

اجان پيارَ جا پيچرا ساڻ هِن،
ٿَڪيو ساهه ناهي مَيارون نه ڏي!

اڙي سوچ انسان! هڪ ڀونءِ آ،
فسادن جون وچ تي هي تارون نه ڏي!

ڏکن ساهه ساڻو ڪَيو ٿَس اڳي،
وڇوڙا! جڏيءَ کي تون مارون نه ڏي!

ڀلي ڪر نه ويساهه تون قرب ۾،
گمانن سان دل منجهه ڏارون نه ڏي!

شبانه! اِهي گهاوَ گهرجن نه ٿا،
دکيءَ کي ڪٽي ويچ، دارون نه ڏي!

زندگي! توکان شڪايت ٿئي نہ ٿي،
پاڻ کان ڪنهن لئہ اَداوت ٿئي نہ ٿي!

ويهَہ واٽون پيي ٿين ظاهر مگر،
پيارَ کان پو پيي بغاوت ٿئي نہ ٿي!

ڏيهَہ ساري جي ڪئي سون رهبري،
پاڻ لئہ پيارا! امامت ٿئي نہ ٿي!

دؤر کهڙو پيي هُجي ناهي ڊِنو _
عشق وانگي ڪنهن ۾ طاقت ٿئي نہ ٿي!

پيارُ هرڪو پيو ڪري آزاد ٿي،
عام جڳ ۾ چو روايت ٿئي نہ ٿي!

مان شبانہ! ورد چڏيان قربَ جو،
دل ۾ پيدا اهڙي عادت ٿئي نہ ٿي!



www.sindhsalamat.com

وقتَ ويچا وچائي چڏيا واٽَ ۾،
خيالَ سارا منجهائي چڏيا واٽَ ۾!

ساٿَ پلَ ۾ ٽٽي يادگيريون ٿيا،
دردَ جهوپا اڏائي چڏيا واٽَ ۾!

زندگي ۾ روچن جنهن وفا جا ڪَيا،
تنهن ئي جذبا ڏُکائي چڏيا واٽَ ۾!

لوڙ، لالچ نہ ٿي پاڻ کان ٻي پڄي،
سورَ صدما ڪمائي چڏيا واٽَ ۾!

ڀُونءِ تي بارُ ٿو جيءُ پنهنجو لڳي،
رُوحَ، راڻا! رنجائي چڏيا واٽَ ۾!

پنڌ نبري شبانہ! نہ ٿو پاڻَ کان،
حوصلا جو وڃائي چڏيا واٽَ ۾!



www.sindhsalamat.com

زندگي، موت جو ڪونہ احساسُ آ،
پاڻ تي پيو رهيو ڇڻ نہ وشواس آ!

روحَ سان روز ماري ٿو انسانَ کي،
ڪيترو ٿي پيو لوڪ ٻي قياس آ!

نيڻَ تهنجا سڪيا! ڪيئن سگهندا پڙهي؟
درد جو دل لکيو روز اتهاس آ!

هيڪلايون ڏڪائن نہ ٿيون جيءَ کي،
دائمي منهنجو ڀاڳو ٿيو بنواس آ!

چار بوندون وِڃون هِن وٺيون ڀونءِ تي،
چند تارن ٻِنا ڪهڙو آڪاس آ!؟

آهي نَس نَس شبانہ، وٺي واسجي،
پيارُ اهڙو ڏنو هر گهڙي واس آ!



حياتيءَ جي هوندي گذاريو پري،
اسان ڪان رهي ڇو ٿا ماريو پري!؟

اچو هاڻ سڪڙا وَريا هِن وَري،
ڏکن ۾ گهڻو جيءَ گهاريو پَري!

وساريون اوهان کي گهڙي هڪَ نہ ڪا،
سدائين اوهان کي سنڀاريو پَري!

وڏي وقتَ ڪان ٿي نہ هِڏڪي اچي،
اسان جا نہ ٿا ساتَ ساريو پَري!

شبانہ! ڪِٿي روشني ٿي پچي،
اوهان ٻي وچي ديپ ٻاريو پَري!

ٻاڻَ آهي تہ چا لاڻَ ٻاري وِڃو،
ڪوڙ سچ جي هٿن ساڻ ماري وِڃو!

ڪوئي پنهنجو تہ وِسري نہ ٿو جاچيو؟
ساٿ، ساٿيئڙا! پاڻ ساري وڃو.

ڏاڍَ کان ناهي ڏرڻو ۽ مرڻو تہ پوءِ ـــ
مشڪلاتون همت ساڻ ٽاري وڃو!

نيٺ ماحولُ گونجار ٿيندو سچو،
شاعرو! شعر سارا اُڏاري وَڃو.

وقت جي واڻَ مِهڻا ٿي ايندي اڳيان،
ڇو پراڻا سنگي ٿا وساري وڃو!؟

پو شبانہ! پري ماڳ ڪونهي سيئي،
سنڌ جي لاءِ گڏجي پڪاري وَڃو!



www.sindhsalamat.com

رکون عشق تي پاڻ ايمانُ اُجرو!
لڳي ٿو انهيءَ لاءِ انسان اُجرو!

گمانن جي ڪاراڻ کان ڏي تہ آجو،
وڻي ٿو ملي ڪاش ارمانُ اُجرو!

ٿئي باقي ميرو گهڻو ٿو دنيا ۾،
ازل کان رهيو آهي عرفانُ اُجرو!

سونهين سلطنت پي انهيءَ کي هميشہ،
رهيو جيڪو دل جو آ سلطان اُجرو!

شبانہ! مندي کين ڪنهن ڪاڻ ساندي،
رهي روحُ پنهنجو ٿو رحمانُ اُجرو!



www.sindhsalamat.com

گهيڙَ گهٽ پاڻَ جا ڏاهي گذريو هِتان _
هر ڏِسا خوف آ ڇاهي گذريو هتان!؟

پيرَ ڪنهنجن مٿان وقتُ جاڳي پيو؟
رات ڪهڙو مسافر آ گذريو هتان!؟

ماتِ ماتامُ سڄَ ۾ ڪري ٿي پئي _
جڻ لڳي ٿو تہ ڪو ناهي گذريو هتان!

چينَ جون ڳالهيون آنءُ ڪهڙيون ڪيان؟
ڳاهَ جيئن وقتُ پيي ڳاهي گذريو هتان!

ڪوتہ جوڳي شبانہ! هئو ڏيهَہ ۾،
ساهَہ ۾ پيرڙا ساهي گذريو هتان!



حوصلن جي اک هئس انوارُ جو _
ماڳ ائين ڳولهي لَڌو آ اڻ لڪي!

رات پر برسات ۾ پِڄندو رهيو،
وڏ نپايو سات محلن کان پَڪي!

نانگ جو ناهي زهر دارون ٿئي،
آدمي ٿو آدميءَ کي جو ڪَڪي!

ڇو پرايون تون پچارون ٿو ڪرين؟
تون بہ رک ڪنهن جي تہ ڪو تنهنجي رکي!

ذائقو ڄاڻي اُهو ڪوڙاڻ جو،
ٿوهُہ ڇپڙن سان پيو جيڪو ڇَڪي!

ڇا شبانہ! حالتون توکي ڏسيان؟
ڏيلَ کي ٿو دردُ جنهن ويلي ٻَڪي!

مـٿـان ڌرتـتـي ۾ ڏڪـن جـو وِڇـاڙو!
وِرَهـ جـي گـهـڙي ۾ ڏڪـن جـو وِڇـاڙو!

اِهـا ويـل ڪـيـڏا ڪـري ويـل پـيـئـي،
سـڄڻ جي ڪَـمـي ۾ ڏڪـن جـو وِڇـاڙو!

عجبُ واٽَ تي موت مـون کـي گـڏيـو آ،
هـي دمِ آخـري ۾ ڏڪـن جـو وِڇـاڙو!

الئہ ڪـيـئن ڪـٽـبـي نـہ ٽـي آنءُ ڇـاڙان،
حـيـاتـي صـدي ۾ ڏڪـن جـو وِڇـاڙو!

سـدا انـتـظـارن سـان ٻـاري رکـي مـون،
اِڇـا جـي ٻـتـي ۾ ڏڪـن جـو وِڇـاڙو!

شبـانـہ! خـدا ڇـاڙي جـذبـا ڏُکـي پـيـا،
رُنـي شـاعـري ۾ ڏڪـن جـو وِڇـاڙو!



وقـت ڪـان تـيـزُ پـيـارَ جـا ويـلا،
سـاڻ تـوسـان قـرارَ جـا ويـلا!

آسَ هـر ڪـا گـلاب ٽـي آهـي،
ڏي بـرهـہ ٽـي بـهـارَ جـا ويـلا!

نيڻ نيڻـن کـي جـام ٽـا آڇـيـن،
پـر لـطـف هِـن خُـمـارَ جـا ويـلا!

ڍالَ نـاهـي ڪـا دل بـچـايـان مـان،
نـيـڻَ نـشـتـر نـهـارَ جـا ويـلا!

بـهـشـت پاسِن پيا پرين! تـوسـان،
پـيـا وڏن شـالَ پـيـارَ جـا ويـلا!

ويڙهہ ويساهَ سان حياتيءَ کـي،
جيتَ ڏيـنـدي، نـہ هـارَ جـا ويـلا!

ياد آهـيـن شـبـانـہ! دَم وانـگـي،
ڪـونـہ ايـنـدا وِسـارَ جـا ويـلا!

پرين! پياريون درازا ۾!
گھڙيون گھاريون درازا ۾!

اسان ويساهہ اُلفت جون ــ
ٻتيون ٻاريون درازا ۾!

تڳينديون ڪين هِن ڪوپل،
دليون ڪاريون درازا ۾!

انا ۽ هوڏ، هستيءَ ڪي،
متا! ماريون درازا ۾!

ڪٽي ٻاسون اَچن ڪيئي،
پيون ناريون درازا ۾!

سڙي دل ساڙ سان ڏاڍو،
هلي ٿاريون درازا ۾!

نہ ٿا هِردو ڏجي ڪنهن کان،
اسان هاريون درازا ۾!

شبانہ! درس منصوري،
سچو ساريون درازا ۾!



هارَ کان اڳُ تون مڃين ٿو هارَ ڇو؟
حوصلا دَم کان رکين ٿو ڌار ڇو؟

تون اچين ٿو ڪينَ ٿي ساٿيان ڪڏهن،
موڪليئي پو ساهَہ جي لئہ سارَ ڇو؟

وقت آهي مسرتن ۽ ساٿَ جو ــ
نيڻَ تنهنجن مان وَهن ٿا نارَ ڇو؟

پاڻ هڪڙي روحَ ۾ گڏجي رهون،
قربَ جي ديوارِ ۾ هِن ڏارَ ڇو؟

هُو شبانہ! حال پيي ڄاڻي پيو،
وارُ ”ڏمَ“ تي پو ڪيو ميهارَ ڇو؟

رُڳــو بــحــر و وزن آهــي،
فــڪــر بِــن فــنُ بــہ فــنُ آهــي!؟

نــہ ٿَس جـو ويـس خـيـالـن جـو،
نــنــگــو شــعــري بــدن آهــي!

ڪيو جو ڪالهہ ڏرتيءَ سان ـــ
ڪِـٿـي پـاڙيـو وچـنُ آهـي!؟

وِڪيو ويـچـن بـہ پـيـشـي ڪـي،
رُڳــو ايــمــانُ ڏَنُ آهــي!

چـوي چـا لـوڪ ٿـو مـون لـئـہ،
اُنـهـيءَ پـاسـي نـہ ڪَـنُ آهـي!

ٻـچـا ٻُـڪـيـا، رڪـيـو پـو پـي ـــ
تــہ مــرشــد لاءِ ڏَنُ آهــي!

سُجاڻي سورُ ڪيئن ڪنهن جو؟
هِـتـي هـرڪـو مـگـنُ آهـي!

سـجـايـو خـوبُ ڏس قـدرت،
سـتـارن سـان گـگـنُ آهـي!

شـبـانـہ! پـيـارُ ئـي پـالـيـو،
ٿِـيـو مـيـرو نـہ مَـنُ آهـي!



آنءُ توڪان سِوا چنڊ ڪهڙو ڏسان!؟
ڏُور تون دلربا! چنڊ ڪهڙو ڏسان!؟

نينڻَ توسان ڪٽي چنڊ ڏسندي هيس،
هيڪلي اڄ مِٺا! چنڊ ڪهڙو ڏسان!؟

پاڻ ڪان پاڻ ٿي آنءُ آهيان پئي،
دوست! ڏاڍو خفا، چنڊ ڪهڙو ڏسان!؟

ساٿَ تنهنجا نہ ٿي دل وساري سَگهي،
نينڻ، دَمُ، دل وِٺا، چنڊ ڪهڙو ڏسان!؟

بيوفا بيوفا قسمتون بيوفا،
ڪين تون بيوفا، چنڊ ڪهڙو ڏسان!؟

چو شبانہ! اڪيون ٿيون نہ انبر تَڪن؟
ناهي مون ڪي لَڪا، چنڊ ڪهڙو ڏسان!؟

بند ڪريو ذاتِ جو هاڻي قصو،
سنڌ جي پيي ڳالهہ ڪا ڇيڙي ڏِسو!

هيءُ ههڙو حال ڇو آ قوم جو؟
مير، پيرن، سامراجن کان پڇو!

شعر آهن ظاهري واهوا اندر،
ديسَ جو ناهي ذڪر ڇا ٿا لکو!؟

ظلم ڇو چپ چاپ ۾ ويٺا سَهو؟
ڪِلڪَ پيي آهي زبان پڻ ڪو ڳڇو!

ديس ساڳيو ويس ۽ ٻولي بہ هِڪَ،
سوچيو پيارا! پيا ڪنهن کان رُسو؟

ڇس شبانہ! ڪين ٻيو اهڙو ڪِٿي،
سنڌ سان آ نينهن ۾ جهڙو نَشو!



www.sindhsalamat.com

ٿي رهي زندگي وقتَ جي واتَ ۾!
روز گذري گهڙي وقتَ جي واتَ ۾!

ڇانوِرا پيي ڪَري وقتُ ٿو جيءَ ٿي،
ڪو پهر ڏرتتي وقتَ جي واتَ ۾!

جان پنهنجي ڇڏائڻ ڏکي وقت کان _
ڪا نہ ملندي وِٿي وقتَ جي واتَ ۾!

وارتا زندگيءَ جي سمائي سَچي،
مون لِکي شاعري وقتَ جي واتَ ۾!

هر گهڙيءَ جو حوالو گهري وقت ٿو،
عمر پيئي مُنجهي وقتَ جي واتَ ۾!

دردَ سارا شبانہ! عمل ئي ڏِنا،
ڪِٿِ هُئي ڪا خوشي وقتَ جي واتَ ۾!



www.sindhsalamat.com

ريتن اڳيان نہ جُھڪندو هالارُ عشق پنهنجو،
وڏيو اڳتي پيو وڌندو هالارُ عشق پنهنجو!

لاوا نہ سورَ بڻيا هِن حوصلا اسان سان،
هر حال ڪونہ ٽٽندو هالارُ عشق پنهنجو!

چيٽيءَجي سازشن سان ڪجھ پيي ٿيو نہ ٿيندو،
سنسارُ اوچو ڏسندو هالارُ عشق پنهنجو!

مشڪل اڳيان اچي پل ٿي پور پور ويندي،
مشڪل ڏِسي نہ ڌڏندو هالارُ عشق پنهنجو!

خود وقت پيي شبانہ! ويچا وجهي نہ سگهندو،
ڪنهن ويلَ ڪونہ کُٽندو هالارُ عشق پنهنجو!


www.sindhsalamat.com

اِجهو ديپَ دَمَ جا پَلن ۾ اُجهاڻا،
اِها ئي گهڙي آ هلي آءُ راڻا!

وري نينهَن ساڳيا نوان ٿي پوَن جي —
اَچن ڏينهن موٽي پرين، سي پراڻا!

اڃان روشني آهي، ويساهہ دل ۾،
بَلبَ آسَ جا ڪينَ آهن وساڻا!

اسان ڪي پناهون ڪِٿي ڪيئن ملنديون؟
هُئا جو اوهان جي اکين ۾ ٺِڪاڻا!

وئي ڪاڪِ قربن جي اُجڙي اچانڪ،
سڃا ٿي ويا محبتن جا وِڇاڻا!

شبانہ! وري ميلَ ميلا مچايون،
اچن شال موٽي پيلا پاڳَ ٽاڻا!


www.sindhsalamat.com

رنجُ ڪوئي رنجائي انھيءَ ڪان اڳي،
تا ڇڏيون موڪلائي اِنھيءَ ڪان اڳي!

چار مرڪون وڪيري وَڻون وقت سان ـــ
ڏک اچي دل ڏڪائي اِنھيءَ ڪان اڳي!

نفرتن جو وڏي دونھون سنسارَ ۾،
قرب وڃي ڪمائي اِنھيءَ ڪان اڳي!

قرب جي قول جو ٿي عمل تا پئون،
وقتُ ويچا بڻائي اِنھيءَ ڪان اڳي!

پاڻَ گيتن سان مَنَ کي نچايون پرين،
دوري ماتم ڪرائي اِنھيءَ ڪان اڳي!

اُٿُ شبانہ! سکن جا ڪَڻون ساھَہ تا،
دردُ ماري ٿَڪائي اِنھيءَ ڪان اڳي!



شورَ دٻجي وڃن، ھيڪلايون اَچو،
دردَ دل جا ڏُکن، ھيڪلايون اچو!

ماتِ سڪرات ڏي ذاتِ فڪرات ڏي،
نيڻ ڀرجي وسن، ھيڪلايون اچو!

سوڳ اڪڙيون ٿيون سُورُ نس نس ڀَڻي،
جيءَ جذبا ڏُکن، ھيڪلايون اچو!

لوڪَ جي ٺوڪَ ڪان سانت سچ جي ڀلي،
ڪھڙيون ڳالھيون ڪجن، ھيڪلايون اچو!

ساھُ چاھي پيو شعرَ گونجار ڪَن،
خيالَ سندر ٻَرن، ھيڪلايون اچو!

دل شبانہ! ٿئي گھر مصائبَ سندو،
سُورَ ماتامُ ڪن، ھيڪلايون اچو!

پيارَ ۾ پرکڻ نہ ايندو،
پوءِ ڏسبو جيڪو ٿيندو!

جاءِ جيئڙو وسوسن کي،
ڪونہ ڏيندو ڪونہ ڏيندو!

پاڻ هُون هسوارُ جيوَن!
نيٺ ڪاڏي وقت نيندو!؟

چارِ پَلَ ترسي مسافر،
ڏيهَہ پنهنجي ماڳ ويندو!

هيڪلايون ڏي نہ جاني!
درد دل ۾ گهر اَڏيندو!

آءُ، تون اُلڪا چوَن ٿا،
موٽ جهٽَ ۾ دم جهٽيندو!

ٿو سَٽي جيئن ڏوڀي ڪپڙا!
سور توبن آ سَٽيندو!

پو شبانہ! ڪينَ مِلبو،
فاصلو هڪوارِ ٿيندو.



ساري ڪيہُ وساري پيارا!
ڏينهَن وڃون ٿا گهاري پيارا!

سُورن ساڙو ساهُہ ڪيو آ،
ڳڙتي دل کي ڳاري پيارا!

اکيون ڀوري ويٺا آهيون،
پنهنجا پيرَ پَساري پيارا!

ساهَن پند ڳُٽايو آخر،
تنهنجا ساٿَ سنڀاري پيارا!

سامهون ڏانئڻ بيٺي آهي،
اوکيءَ کي ڪو ٽاري پيارا!

چينُ چڙيون ٿا ڏيهَہ ۾ پنهنجا،
سُورَ ڪڙون پيا ساري پيارا!

آيا اوندهہ پاڪر ۾ هُون،
هاڻي ڪير نِهاري پيارا!

تنهنجي دُوريءَ نيٺ شبانہ!
هانءُ وِڌو آ ڏاري پيارا!

ويلَ اوکي ٻيو ملھائيندو نہ آ،
دردَ وانگي کو نڀائيندو نہ آ!

خواب تتهنجو نند ٽومون کان کَسي،
خواب ڇا اُلڪا وڌائيندو نہ آ!؟

روحَ ٽي رمتا رڙن ٽا ڏيھَہ ۾،
عشق ڇا جھنگ جھر رُلائيندو آ؟

سُورَ جي چڪ ۾ حياتي جي اڇي،
پيارُ ڇا ان کان ڇڏائيندو نہ آ!؟

ڪيسيتائين دل پٽيندي هيڪلي؟
ڇا وڇوڙو دم ٽڪائيندو نہ آ!؟

نيڻَ ٻوٽي هل شبانہ! راھَہ ۾،
قرب ڪندن کي وِڇائيندو نہ آ!


www.sindhsalamat.com

تحريرَ سان شبانا،
جيئندي هَڙئي زمانا!

اعليٰ عظيم آهن،
هر دؤر جا ديوانا!

لکندا پِيا هزارين،
هَٽَ پيارَ جا فسانا!

خوشيون ڏين ٽيون دل کي ـــ
تنهنجون اکيون خزانا!

جوڙي وَڃون پيا ٽا،
قربن جا آشيانا!

ڀُرندا پريت! پنهنجا،
هر جاءِ تي ترانا!

پلَ چار ترسي ماڻھو!
ڪاڏي ٽِيا روانا!؟


www.sindhsalamat.com

پيارَ تنهنجا روشني اونداهہ ۾!
پيارَ بن جڻ زندگي اونداهہ ۾!

سونهن جو ۽ سنڌ جو ناهي ذڪر،
ليکبي سا شاعري اونداهہ ۾!

هاڻي جيوَن سوجهرو پيو ٿو گهُري،
آهي گهاري هر گهڙي اونداهہ ۾!

رُوحَ وارا پيچرا ڀلجي وئي،
نيتِ آئي عاشقي اونداهہ ۾!

جستجو آهي شبانہ! جيءَ سان،
مون نہ ماڻي بيوَسي اونداهہ ۾!



بات جو هر ويل آئي سنڌ جي،
شعر پنهنجن ۾ سهائي سنڌ جي!

ڏيهہَ ڇا پرڏيهہَ وارن آ مَڃي،
جيءَ جاڻن ٿا پلائي سنڌ جي!

ڌارين جي پيٽَ ۾ پيئي وَڃي،
روز ٿي ساري ڪمائي سنڌ جي!

معتبر تهذيبَ واري قوم آ،
شاهدي ڏي ٿو "پتائي" سنڌ جي!

مانگرن جي واتَ ۾ آهي رَهي،
ويڙهہِ سان ٿيندي رهائي سنڌ جي!

نظرياتي ذهن ڦاٿا گگهہ ۾،
ڪيئن ٿيندي پوسٽائي سنڌ جي!؟

رُوحُ ٻاگهيءَ جو رهي ٿو هر قدم،
آنءُ پيي آهيان جو جائي سنڌ جي!

هي "شبانہ" کي مليو اعزاز آ،
ٿي ڪري دم دم ثنائي سنڌ جي!

ڏاڍَ ڪان ڏَرندي گذاريون زندگي ـ
چو ڀَلا مَرندي گذاريون زندگي!؟

پاڻ چولين کي چنڻ چاڙهون پيا،
روز ٿا ترندي گذاريون زندگي!

مشڪلاتن کي ڏسي ڳٽتي ڪري،
ڪونہ ٿا ڳرندي گذاريون زندگي!

روشني سنسارَ ساري ۾ ڪجي،
سوچ سان ٻرندي گذاريون زندگي!

پيارَ جو احساس ٿڏڙو جا ٻَجا،
پيارَ سان ٺَرندي گذاريون زندگي!

چؤطرف چَرڪو شبانہ! وقتَ جو،
وقت سان وَرندي گذاريون زندگي!



www.sindhsalamat.com

ڪيئن بي چين توکي ڏسان!؟
آنءُ ڀي چونہ تڙپان لڇان!؟

هيڪلاين کي پاڪر ڀَري،
پاڻ پنهنجا ٿي ڳوڙها اُگهان!

نيت منزل بہ ملندي مِٺا!
چارِ گڏجي ڪٽون ٿا وِکان!

سورَ تنهنجا سبقَ پائيان ـ
وقتَ! توکان سدائين سِکان.

نيرَ تنهنجا اُگهان مان سپئي،
تنهنجي هٿَ جو ٿِشو ٿي پوان!

ڏونگرن سان رهان ٿي تہ ڇا؟
چو جبل جي اڳيان مان جُهڪان!؟

پيرَ ناهِن ٿڪيا راهَہ ۾،
ساهُہ آهي بدن ۾ اجان!

جي شبانہ! ڪکُ وس هجي،
روز ٿر تي وسان مان وسان!



www.sindhsalamat.com

ٻَڻتيون ڏئي هي ڳارا وئين پار ڪهڙي پيارا؟
ڏڻ ريءَ تنهنجي گهاريان ڪيسين اڃان ڏڪارا؟

ساهَن رواني پنهنجي ماٺار وس ڪئي آ،
سامهون اچن ٿا جهٽ ۾ هو موت جا اشارا.

نفرت فنا ڪيو آ انسان کي ازل کان،
محبت ۾ گهاريو دم هر جاءِ تي خدارا!

دل سور ساڻ جاڳي رڳ رڳ رڙي ڏکي آ،
ناهِن ستا فلڪ جا ٻي چين مون سان تارا.

ٻچڙا شبانہ ڪنهن جا هي وِلَهَہ تي ستا هِن،
آڪاش مان وسن ٿا افسوس پوهَہ پارا.



هُو ازل کان رهيو مسافر آ،
ساهَہ ڪيئن ساهي سمند سورن جو؟!

شورَ دهشت پريا ڪري ويٺو،
ماٺِ ٿيو ناهي سمند سورن جو!

ياد تنهنجي آ چنڊ چوڏهينءَ جو،
مست من آهي سمند سورن جو!

ساهَہ چولين جيان تِکا تڙپن،
ڇا پيو چاهي سمند سورن جو؟!

دل ۾ واريءَ جو گهر مون جوڙيو آ،
سو پيو ڍاهي سمند سورن جو؟!

سرتِ ان جي شبانہ! ڪونهي ڪا،
ڪنهن طرف ڪاهي سمند سورن جو؟!

ڪمائڻ ڪان اڳ ۾ وڃائڻ لڳاسين!
اسان سُورَ دل ۾ نپائڻ لڳاسين!

اوهان جي اچي ذات ويئي اندر ۾،
اسان پاڻ پنهنجو ڀلائڻ لڳاسين!

جڏهن قسمتن موت بڻجي ورايو،
تڏهن جيءُ پنهنجو بچائڻ لڳاسين!

مٺا! ساهُ ست ويو ڪسي وقت سارو،
مگر نينهَن ناتو نڀائڻ لڳاسين!

رڪي وقت ٿو روشنيءَ ڪان الئہ ڇو،
ٻتيون آسرن جون وسائڻ لڳاسين!

شبانہ! اوهان ڪي ڏٺو روبرو جو،
اسان دل اکين ڪي جهڪائڻ لڳاسين!



www.sindhsalamat.com

مون ڪيو آهي اُجالو پيارَ جو،
روحَ ۾ سانديو رسالو پيارَ جو.

سُونهن تنهنجي رهنمائي ٿي ڪري،
مان لِکان ويٺي مقالو پيارَ جو!

ڪا وِڇوڙن جو نہ ماتم دل ڪري،
هر گهڙي ٿِئي هوجمالو پيارَ جو!

ساهَ ڀي پنهنجي رَواني وِيا مَٺي،
ياد تنهنجي ڇڻ اَٿالو پيارَ جو!

رُوحُ تاسارو رهيو آهي رهيو،
پِيارِ نيڻن ساڻ پيالو پيارَ جو!

مخلصي پنهنجي شبانہ! آ گواهہ،
نيٺ ٿيندي هر حوالو پيارَ جو!



www.sindhsalamat.com

تي گهٽي وئي دير هِت موٽي هلُون،
دل! نہ ايندو ڪير هِت موٽي هلُون!

شهر ڪونهي رِڻ خطر آهي هِتي،
ناهي ماڻهوءَ پير هِت موٽي هلُون!

پيارَ جو ڪو ڳيچ ڳائي ڪونہ ٿو،
ساڙ آ چوڦير هِت موٽي هلُون!

چاهَ سان ڇو ساڙُ ٿا چاهِن سيئي،
ماڻهو! ماڻهوءَ مير هِت موٽي هلُون!

ٻيو نہ ڪجهہ آهي هتن ۾ ڇا ڏجي؟
من، ورهائي خير هِت موٽي هلُون!

تون شبانہ! خير ٿي چاهين پئي،
عام آهي ويرُ هِت موٽي هلُون!



ڪئي ڳالهہ دل جي اسان بي زباني،
سياڻا ئي سمجهن اکين جي بياني!

مٿيءَ ساڻ ناتو ازل کان رهيو آ،
نہ ٿا راهَہ ڇاڏون اسان آسماني!

عمل کان اڳي تو ڪئي راءِ قائم،
اِها پي تہ آهي سِڏي بدگماني!؟

نہ ٿا طعامَ طلبن ٻچا پيٽَ بکيا،
گهرن ٿا رُکي ڏي مٿي ماءُ ماني.

پيو هيءُ سنسار رهندو هميشہ،
مگر ڏيهہ ۾ آهي هر جيءُ فاني!

هڙئي پورَ پيڙا ڪٽي مان وڃان ٿي،
نہ رهندي شبانہ! هِتي ڪا نشاني.

هي جيءُ ڏُکائيـن ٿـو تـون سـوڙ لـڪائيـن ٿـو!
ڪنهن نيرَ ڏنا تـوکـي ڇـو ڪـونـہ ٻڌائيـن ٿـو؟!

هر ويل هُئين پڇندو تون حال ڪـري ڪـاليـون،
ڇـالاءِ ٻَـلا پـيـارا! تـون ربـطَ گـهـٽـائـيـن ٿـو!

تو ٿهڪ ڪيا ڪاڏي تو مرڪ ڪئي ڪاڏي؟
ٿي پـرک وئـي سـاري ڇـا ڇـا نـہ هـنـڊائـيـن ٿـو؟!

قربت بہ ڪئي توئي محبت بہ ڪئي توئي،
اڄ ڏارَ رهي دوريون ڇاڪاڻ وڌائيـن ٿو؟!

تو قول ڪَيا جيڪي هِن راهِہ محبت ۾،
سي قول ڪري پيارا! ڇو ڪونہ نڀائيـن ٿو؟!

مَيُ منٿَ شبانہ جي ڪر ڳالهہ پرين! دل جي،
ماٺارَ رکي ڇپ جي ڇڻ رُوحُ رنجائيـن ٿو!


www.sindhsalamat.com

الائـي تـہ ڪـاٿـي ٿِـڪـاڻـو مِـلـي،
اجـان دم مسـافـر هـلـي ٿـو هـلـي!

اڙي چنڊ! تـون ڏُور ڪـان ٿـو ڏسـيـن،
هـلـي آءُ، روئـون لڳي اڄ ڳَـلـي!

وڃي ڏُور ٿي هر اداسي سَڃي،
اگر روحَ سان رُوحُ پنهنجو رَلي!

اِجـهـو رات ڪـاري پـئـي واٽَ ۾،
اِجـهـو پـنـڌَ ۾ ٿـو پـيـو سِـجُ لَـهـي!

وڌائـن ٿـا ويـڇـا هِـتـي آدمـي،
نہ ٿو ساڙ ڪان جيءُ ڪوئي ٻَـلي!

شـبـانـہ! ڏسـي ڏاڍَ ڏاڍن سَـنـدا،
انـدر جـو ٿـو انسـان تـڙپـي جَـلـي.


www.sindhsalamat.com

هڙئي ناز پيارا! نماڻا اکين جا،
ٿِيا پيارَ ناهِن پراڻا اکين جا!

اُتن ۾ سمهن آسرا ٿا اکين ۾،
عجب جهڙا آهن وِڇاڻا اکين جا!

پيا ڀورَ پيڙن سچو چين دل جو،
ڏين روز ايذاوَ گهاڻا اکين جا!

اجهان نينهن ڏيندو رهيو نورُ آهي،
بلب ڪونہ آهن، وساڻا اکين جا!

خبر ڪنهن ڏکيءَ کي ڏني ڪونہ جڳ ۾،
ڪيا ڪوڙ دل هِن پڇاڻا اکين جا!

شبانہ! اياڻا پيلا ڪيئن ڇاڻن؟
اشارا سڃاڻن سياڻا اکين جا!



www.sindhsalamat.com

آڪاسُ آ اکين ۾ هر سورُ چنڊ ستارو!
ٿي لڙڪ ديد ويئي ڏنڏلو ٿيو نظارو!

هر حال ۾ اڪيلي گذري پئي حياتي،
هليو پري ويو سو جنهن جو هئو سهارو!

سڏڪا رهي پيا هِن دل جي اَلا اڱڻ تي،
ويو موڪلائي مون کان هر ٿهڪ هو اڏارو!

سر ساھ توتان گهوري تنهنجي رڪان قدم ۾،
محبوب! ديدَ تنهنجي مون کي ڪري اشارو؟

ڏکڙن پٽيان بہ سکڙا ايندا يقين آهي،
اي جيءَ! ايترو تون ڇو ٿو رهين ڏکارو!

فطرت شبانہ پنهنجي اهڙي رهي ڪٿي آ؟
ايندو نہ محبتن ۾ ڪو دم ڪرڻ ڪنارو!



www.sindhsalamat.com

پيارَ سان دل ڀَري ٿو اچين،
پنڌ ڪيڏو ڪري ٿو اچين!

قربُ قاتِلُ متان ٿي پوي،
ڏيان جڳ ڏي ڏري ٿو اچين!

چاھ چانڊوڪيون تون ڪَٽي،
چنڊ اُڀَ ۾ ٻري ٿو اچين!

قول تنھنجو متو آ متا!
ڪير جيئي مَري ٿو اچين!؟

تون سدائين چوين ٿو اِھو،
ٿي نہ توبن سَري ٿو اچين!

دشمنن جي دلين تي پرين،
روز مڱ تون ڏَري ٿو اچين!

دردَ منھنجا شبانہ سيئي،
تون ڪرڻ مَنَ، ڀَري ٿو اچين!


www.sindhsalamat.com

وِڇيون دل ۾ ناھن نہ ٿينديون ڪڏھن،
جدايون رواجي نہ ايند يون ڪڏھن!

اڙي ايئن آڪاش! چو ٿو تَڪين؟
ملاقاتيون نيث ٿينديون ڪڏھن!

ڦِڪا روپَ چو ٿا رھن لوڪ جا،
نراسائيون دُور وينديون ڪڏھن!؟

ڏِيَن آسرا ٿيون سَڄي ڏيھَہ کي،
ھي وايون مون کي ساءُ ڏينديون ڪڏھن!؟

اچي گھر اَڏي جو رھيون روحَ ۾،
پريشانيون پر لڏينديون ڪڏھن!؟

شبانہ نھاري پئي آسَ ٿي،
اوھان جون نگاھون سڏينديون ڪڏھن!؟


www.sindhsalamat.com

دل تڙپي ٿي آءُ پيارا،
سورن ۾ ڏي ساءُ پيارا!

موت نہ ماري آءُ اڳي تون،
ڪائي ويو سوداءُ پيارا!

رنج، رُساما جهت لئہ ڪهڙا؟
آءُ ڪيون پرچاءُ پيارا!

سورَ بہ لڙڪن سان گڏ وهندا،
منهنجو مَن درياءُ پيارا!

فطرت ساهن منجهہ سمايو،
قرب پريو ڪهڪاءُ پيارا!

مون سان هيءُ وڇوڙن ڪيو آ،
پل پل جو انياءُ پيارا!

ساهہ بدن کان آجو ٿي پئي،
اهڙو ڏي ايذاءُ پيارا!

ڪونہ شبانہ، خيري ڪنهن جو،
گهليو ڪهڙو واءُ پيارا!؟



اِهو قيدَ پڄري مان نڪري سگهي ٿو،
پکيءَ وانگي دم پيي تہ اُڏري سگهي ٿو!

رُڳو چو موهن جي دڙي جون پچارون،
نئون سج عمل ساڻ اُڀري سگهي ٿو!

رکيو لوڪ لهجو تلخ آهي ڇا ٿيو؟
پريتم سان منڙو ٿي مصري سگهي ٿو!

مِلايون وري هيلَ جي پاڻ هٿڙا،
تہ هر هڪ وڇوڙو بہ وکري سگهي ٿو!

رڳو هانءُ هارڻ بہ ناهي حياتي،
همت سان ڏکيو دؤر گذري سگهي ٿو!

شبانہ، ڪڏهن قرب تنهنجو نہ وسري،
گهڻو ڪجهہ دنيا منجهہ وسري سگهي ٿو!!

گلشن هوندو ڳيرا هوندا،
پيارا، پيارَ، سويرا هوندا!

تاتي محبت ڪاٿي هوندي،
جاتي مَنَ جا ميرا هوندا!

چارا هوندا چاهتَ هوندي،
پانڌيئڙن جا پيرا هوندا!

جاڳَ پکين جيئن هوندي تَن سين،
اکڙين جا آکيرا هوندا!

پيٽي ڪوئي سُورَ اسان سان،
پنهنجا سُورَ گهڻيرا هوندا!

نيڻن جا نيسارا وَهندا،
دل ۾ دردن ديرا هوندا!

سيئي ٿيندا ساهَہ سَڦلتا،
جذبا جِن جيرا هوندا!

دائم ڏيهُہ شبانہ، هوندو،
پنهنجا ڪاٿي پيرا هوندا!؟



زندگي ۽ زمانُ گذري ٿو،
هوريان هوريان جهانُ گذري ٿو!

ذهن، دل ضبط ۾ ڪٿي آهي،
دردَ جو آسمان گذري ٿو!

ڪونہ پرواهہ ٿو ڪري پنهنجي،
ٻاٽ مان نوجوان گذري ٿو!

عشق جا چو ڪڻو نہ ٿا پيرا؟
هُو ڪري دل جو زيانُ گذري ٿو!

نيڻ تنهنجا ڪڇن ٿا محفل ۾،
هر نظر دل مان ڪانُ گذري ٿو!

سور ٻڻجي سرور ويو منَ مان،
قرب جو ڪاروان گذري ٿو!

دمَ شبانہ، وڃي ويا آهن،
خيال تنهنجي مان ڏيان گذري ٿو!

جنڊ وئي پر چاهه ٻچو آ،
ڏرتيءَ تي ويساهه ٻچو آ!

آسون ساريون سورن ساڙيون،
دل ۾ هڪ الله ٻچو آ!

خيال، فڪر سڀ وڪڻي ويٺا،
اُجرو پِٽَ جو شاهه ٻچو آ!

پاڻ ملاوٽ وارو آيو،
ان سڙيو بس گاهه ٻچو آ!

تنهنجون يادون هاڻ ڦٽي ويون،
ڪاٿي ٻُتَ ۾ ساهُه ٻچو آ!

سنڌ شبانه، غيرن گهيري،
باقي هڪ درياهُه ٻچو آ!



www.sindhsalamat.com

جا ويلَ درد ڏيندي سا ويل ويجهڙي آ،
وِچَ تي وِٿي ٻه ٿيندي سا ويل ويجهڙي آ!

هَرسو حراس هوندو ٿيندو اداس هر من،
سڄَ مان اُٿي سڏيندي سا ويل ويجهڙي آ!

اکيون وري نه کلنديون اظهار مات هوندو،
چُپِ گهر اچي اڏيندي سا ويل ويجهڙي آ!

اُلڪا ۽ ساڻ سڏڪا رهندا پيا سدائين،
قسمت ٻه ڏڳ مٿيندي سا ويل ويجهڙي آ!

هِردي ۾ حوصلو رَک مايوس ٿي نه مٺڙا!
مشڪل ٽري ٻه ويندي سا ويل ويجهڙي آ!

سک سان ڪڏهن شبانه ويٺي نه زندگيءَ ۾،
دنيا سڄي مڃيندي سا ويل ويجهڙي آ!



www.sindhsalamat.com

هِن دل جي غمي ڏس شاهد آ،
نيڻ جي نمي ڏس شاهد آ!

تون ياد پئين انگ ٺريو،
وئي برف ڄمي ڏس شاهد آ!

پيا نيرَ وَهي مون سورَ سندي،
جا ديڳ دَمي ڏس شاهد آ!

هر جاءِ سَڙي بي ڏوهه سَدا،
هِن جڳ ۾ "فهمي". ڏس شاهد آ!

بي لوپ نپائي تي رشتا،
سنسارَ اَمي ڏس شاهد آ!

تون ڏورَ شبانہ کان آهين،
ساهَن ۾ کَمي ڏس شاهد آ!



اهي ڳوٺ ڳالهيون سنياري تہ ڏس،
شهر، خواب، بنگلا وساري تہ ڏس!

ڪروڙين تو انسان ماريا تہ ڇا؟
مگر جيءُ هڪڙو جياري تہ ڏس!

حياتي سموري ڪندين ياد تون،
گهڙي قرب وارن سان گهاري تہ ڏس!

نِمي سڀ انائن جا پتلا پوَن،
نماڻي نظر سان نهاري تہ ڏس!

اداسي نہ ويجهو ڪا ايندي وري،
اميدن جو تون ديپ ٻاري تہ ڏس!

ڇميون سارا احساس ڏيندئي اچي،
پٿر جيءُ پنهنجو پگهاري تہ ڏس!

شبانہ هوا تي پڇان مان سگهي،
وڏي واڪ جڳ ۾ پڪاري تہ ڏس!

تو سِوا هيڪلا پيچرا پيارَ جا،
ٿيا شروع سلسلا پيارَ جا!

وقتَ! پَهرا ڏنا تو سَدا جِن مَٿان،
پيرَ آهن هي ڪهڙي گنهگار جا؟

او مسافر، ڪٿي نيڻ نيرن پريا،
ڪير آهين پڇين ٿو پتا يار جا!؟

نيڻ نازن پريا ڪين وسرن پيا،
ياد آهن اجهان وار، هر وارَ جا!

چارِ ويلا اٿئي ماڻ تون محبتون،
ساٿَ ڪهڙا سدا، سونهن، سنسارَ جا!؟

پيارَ جون چار ڳالهيون ڪري ٿا هَلون،
چو ڪَريون تذڪرا روز تڪرارَ جا!؟

سانڍ سامان سارو شبانہ، اُٿي،
چاڻ پيغامَ آيا پريڻءَ پارَ جا!



پئي ڪالهہ ”موري“ مان جيجل سڏي،
چيو مون تہ اينديس ”ڪراچي“ ڇڏي!

نهارون، تَرارون عجب ڏاڍ آ،
اکيون ڪو اکين ۾ وجي ٿو اَڏي!

اڇو هان، ڪڏهن پيرَ پنهنجا پَري،
ازل کان محبت اسان جي تَڏي!

سمورو زمانو جيئي پيارَ سان،
ڪٿي ساڙ اڇلايو جيڪر ڪَڏي!

ٻڌائي ٿو ميزان پنهنجو اِهو،
پلي پاڻ پنهنجو ٻڌايو ٻڌي!

چمن ۾ اڪيلو پيو ٿي پوي،
پکي امن وارا وجن ٿا لَڏي!

شبانہ، اِهي دردَ ڏي دانَ ۾،
پلي تون اسان کي خوشيون ڪينَ ڏي!

نگاهون نماڻيون نهارون هتي،
سپئي جيئڙا، هِن بهارون هِتي!

هتي چار مرڪون ۽ ڳوڙها هِتي،
هڙئي سورَ، سک جون پچارون هِتي!

اسان قربَ جا هون مسافر مِٺا،
ڪدورت جون آهن تڙارون هِتي!

ڪنائي نہ ٿو لوڪ ٻوڙو ٿيو،
نہ ڪر دل، اجايون پڪارون هِتي!

اٻوجھن سان انياءُ ڪيسين ڏسان؟
دکيءَ دل جو ناهي ڪو دارون هِتي!

جبر جابَجا ويو وڌي ڏيهَہ ۾،
ٿين هينئڙا روز ڦارون هِتي!

شبانہ، خوابن ۾ تارا نہ گھم،
حقيقت ۾ ناهِن اڏارون هِتي!



زماني ۾ چريا ماڻهو!
اسان قربن پريا ماڻهو!

تپائي جيءَ اپرن جا،
اجان ناهن ٺريا ماڻهو!

سمائي ساڙُ سينن ۾،
مثل اگنيءَ ٻريا ماڻهو!

چڙي گھرڙا ويا جيڪي،
وري ناهِن وريا ماڻهو!

پرن ٿا پيٽ پاپن سان،
مگر ڪاٿي پريا ماڻهو!

پرائي ڪنهن پچر ڪارڻ،
ڪري ڳٽتيون ڳريا ماڻهو!

وساري قرب ڪي ويٺا،
عجب آهن ڪريا ماڻهو!

شبانہ، پيارَ جي لاري،
لڳي آخر تريا ماڻهو!

ڏورۡ توکان ڪٿي ساءُ آهي پرين!؟
هئہ هجر پيي وڏو گهاءُ آهي پرين!

پيارَ جا چانورا وِيون خزائون ڪَسي،
ڌرتتيءَ ۾ تِڪو تاءُ آهي پرين!

چينَ جا پَلَ سمورا لڙهي ويا پري،
درد جو دل ۾ درياءُ آهي پرين!

هانءُ جڳ جي ڏکن تي ڏکي ٿو پوي،
قرب ۾ اهڙو ڪهڪاءُ آهي پرين!

وقت جون چوليون تيز آهن تکيون،
جيءَ جو جهونڙو ناءُ آهي پرين!

نيرَ ناهن شبانہ سڪا ڪا گهڙي،
سور پيريو گهليو واءُ آهي پرين!


www.sindhsalamat.com

پل گهڙي زندگي پچارون سدا،
سات ويلا ٻہ ٿي پر سنپيارون سدا!

ماڻ تون محبتون، سونهن، سرهاڻ جون،
زندگي، ڪونہ رهنديون بهارون سدا!

تاءُ آهي اکين جو، پهر ڏيهَہ ۾،
رعب رهندو نہ تن جون نهارون سدا!

پيارَ جا چانورا زندگيءَ ۾ ڪَپن،
سانيجان مون پچاڻان، تون سارون سدا!

ڏاڍ، ڏهڪاءُ رهندو نہ دائم هتي،
قرب جي پر پکين جون اڏارون سدا!

پل اپل آ شبانہ، قصو جيءَ جو،
چو ڪٽون پيار جون پوءِ ميارون سدا!؟


www.sindhsalamat.com

گگھہ گھٽائون انبر پاسي،
ظاھر ڪونہ ستارا آھن!

ڏاترا! تنھنجي ڏيھہَ ڏھر ۾،
ڪيڏا جيءَ ڏڪارا آھن!

تنھنجي سونھن سھائي دل جي،
جيون جا پل پيارا آھن!

آئين ڪونہ اڃان تون ساجن،
گھيري ويا مونجھارا آھن!

سيرَ ڏڪن جي ٻوڙي ويندي،
سڪ جا ڏور ڪنارا آھن!

تنھنجو درشن سارنگ جھڙو،
توبن نيڻ اڃارا آھن!

ارڏائي ٿي آھي دل ڪي،
ارپيا عشق اشارا آھن!

ڪيئن شبانہ پاڻ سنڀاليان!؟
وقت ڏنا لامارا آھن!



چانوَ چا ڌرتتي ولولو زندگي!
مشڪلاتن اڳيان حوصلو زندگي!

ھانءُ ھالارُ ڪر وڌ اڳي ڪان اڳي،
پيندَ ڪان پي ننديو مسئلو زندگي!

ڪو پھر سورَ ھِن ڪا گھڙي چينَ جي،
لڙڪَ ۾ مرڪَ جو سلسلو زندگي!

آزمائي پيو پيارُ سھڻو سچو،
ديس پنھنجو مٺو دادلو زندگي!

موت ماري پلي پو وساري ڇڏيو،
ٿي اوھان کي تَڪي دوستو! زندگي.

خواب دائم شبانہ جيئاري نہ ٿو،
ڪر حقيقت ۾ ڪوئي ٻِلو زندگي!

نِگھَہ نفرت ڀري هن جي،
سراپا ساڙ وانگي آ!

اسان سادا سڌا ليڪن،
زمانو جاڙ وانگي آ!

حياتي ٿي پئي ساٽي،
پھر پچياڙ وانگي آ!

اوهان جو پيار ۽ محبت،
اڪين لئہ ٻاڙ وانگي آ!

ڪدورت ٻي سري جڳ ۾،
ٻگھڙ اوناڙ وانگي آ!

اسان لئہ ديد دلبر جي،
دوا ۽ جھاڙ وانگي آ!

حياتي! موت تنھنجي لئہ،
ازل کان تاڙ وانگي آ!

شبانہ، عشق اڄ پيي جڻ،
عمر اڳياڙ وانگي آ!



www.sindhsalamat.com

نہ سوچَس ساءُ شعرن ۾،
رڳو ورجاءُ شعرن ۾!

حقيقت آب جو قطرو،
ڪوي درياءُ شعرن ۾!

پٽر جھڙي حياتي ۾،
رکيئي کھڪاءُ شعرن ۾!

سچائي ڪونہ ڏچندي آ،
نہ ڪر سوداءُ شعرن ۾!

ڪٽي جڳ کي ڏنئي توڙي،
ڪٽا چند پاءُ شعرن ۾!

رکيو آهي سدائين مون،
پرين، سرچاءُ شعرن ۾!

محبت! بسم الله چئبو،
هميشہ آءُ شعرن ۾!

نہ توريا لفظ ها شاعر،
ٿيس پڇتاءُ شعرن ۾!

شبانہ تلخ لھجو ڇو؟
نہ ڏي ايذاءُ شعرن ۾!



www.sindhsalamat.com

سورُ آيو نصيب سڏجي ٿو،
جيءُ تنها غريب سڏجي ٿو!

نيڻ جنهن کي ڏسي سگهيا ناهِن،
سوئي دل جي قريب سڏجي ٿو!

مشڪلاتن ۾ ساٿ ڏي جيڪو،
حالِ محرم حبيب سڏجي ٿو!

تو سوا هوش ئي رهيو ناهي،
حالُ پنهنجو عجيب سڏجي ٿو!

درد ۾ ٿو ڪري دوا جيڪو،
ڏيهَہ ۾ سو طبيب سڏجي ٿو!

سنڌ جا سورَ جو نہ ٿو ڇاڻي،
نامور پر اديب سڏجي ٿو!

سرت سڪ جي رکي شبانہ جو،
قلب جي سو قريب سڏجي ٿو!


www.sindhsalamat.com

پونءِ ۾ آسمان لڙڪن جو،
مون ڏٺو آ جهان لڙڪن جو!

مرڪ پرڏيهَہ وانگ لڳندي آ،
ديس دل ۾ مڪان لڙڪن جو!

ڪيستائين ڪجي زماني ۾؟
شاعريءَ سان بيان لڙڪن جو!

مفت ۾ ٿا ملن حياتيءَ کي،
هر قدم ڄڻ دڪان لڙڪن جو!

دردَ پگهري وهي ويا آهن،
نيڻ ڳلڙا نشان لڙڪن جو!

مون گذاريو سدائين عالم ۾،
آهي اوکو زمان لڙڪن جو!

ٿيو شبانہ زوال خوشين لئہ،
ڪونہ ٿيندو زيان لڙڪن جو!


www.sindhsalamat.com

گهڙيون فاصلا ٿي ويون!
اکيون آسرا ٿي ويون!

لکيون وائيون ڪالهہ جي،
سدا لئہ صدا ٿي ويون!

اميدون ڏنيون وقت جي،
قلم سان ڪَٿا ٿي ويون!

پريشانيون پيارَ ۾،
سيئي سلسلا ٿي ويون!

دليون سورَ ورنيون سڻن،
امنگون ندا ٿي ويون!

وبائون، وڇوڙا پرين،
شبانہ، سزا ٿي ويون!


www.sindhsalamat.com

قلب جو آڪاس تارا عشق جا،
تا ڏين احساس تارا عشق جا!

سورَ جون راهون وٺي وڌ سونهن ڏي،
تا ٿين اتهاس تارا عشق جا!

نيرَ ٿيندا نور من اونداهہ ۾،
قربُ ڏيندا قياس تارا عشق جا!

ظلمتون جڳ ۾ ڏسي تڙپن پيا،
ڪين ٿيا بي قياس تارا عشق جا!

ريت رسمن هار ماڻي عشق کان،
ڪونہ بڻيا ناس تارا عشق جا!

ساهَ ٿي سرهاڻ ويندا هر قدم،
چوتہ ڏيندا واس تارا عشق جا!

بدگمانيءَ کان شبانہ هون پري،
جيءَ سان وشواس تارا عشق جا!


www.sindhsalamat.com

زندگيءَ رکيو پير اوکيءَ ۾،
دردَ بِن هو نہ ڪير اوکيءَ ۾!

دشمنيءَ دڳ ڏنو ڇڏيو هن کي،
ٿي ڏسي سسئي ڏيرُ اوکيءَ ۾!

آءُ، تون منهنجو حال ڄاڻين ٿو،
ڪونہ ايندو ڪو غير اوکيءَ ۾!

ڏيھ ڪونهي گھٽايو گھاوَن سان،
دوست، وٺ تون بہ وير اوکيءَ ۾!

ٻوجھ تن جو نہ دل کڻي سگھندي،
آهي اَلڪن جو ڍير اوکيءَ ۾!

پيارِ سِڪَ ساڻ ٿي پئون پيارا،
ڇڏ ڪڏي دل مان ميرَ اوکيءَ ۾!

مان شبانہ، ڏکن سان جھيڙيان ٿي،
چاهيان تولاءِ خير اوکيءَ ۾!



الائي تہ ڇا ڇا وساري ٿو سڀ ڪو؟
مِڙئي ڏينهن پنهنجا گذاري ٿو سڀ ڪو!

هي سنسار تنهنجو نہ منهنجو هميشہ،
پھر چار آهن تہ گھاري ٿو سڀ ڪو!

وڏي حال اپرن کان پڇندو نہ ڪوئي،
پري کان اجايو نهاري ٿو سڀ ڪو!

رکي سامهون شهرت هتي شاعريءَ ۾،
متي سنڌ، توکي سنيپاري ٿو سڀ ڪو!

خوشيءَ منجھہ وسري وڃي پاڻ پنهنجو،
ڏکن ۾ ٻين کي پڪاري ٿو سڀ ڪو!

شبانہ، شمع پيارَ جي پنهنجي دل ۾،
ڪِٿي ديپُ الفت جو ٻاري ٿو سڀ ڪو!

اکين منجهہ سپنا پرين جو پري ٿو،
تڏهن روز انسان جيئي مَري ٿو!

ڪڏهن ڏور پل پي نہ جيڪو ٿيو هو،
وڃي ڪيئن گهاري سڄڻ سو پري ٿو!؟

اسان ٿا ڳنڍڻ سات ساڳيا گهرون ۾،
پرين، پر گذارين ڪنارا ڪري ٿو!

اڃان دل بہ اونداهہِ ۾ پيئي تڙپي،
مگر آس جو ديپ پو پي ٻري ٿو!

ٻيائي ڪري ڪونہ جو قرب خاطر،
اُهو جيءُ جاني، تَڳي ۾ تري ٿو!

شبانہ، اوهان جون سنيپارون وٺي سان،
اچن ٿيون تہ تن من اسان جو ٺري ٿو!


www.sindhsalamat.com

سانڍي رکجانءِ پيارَ جا ويلا،
ساڻ رهندا نہ ساٿَ جا ويلا!

ضبط ڪي جاءِ ڪانہ ملندي آ،
جي اچن جيءَ! وقت جا ٿيلا!

ساڙ سارا ٻڏي وڃن جيڪر،
جي اچن دل ۾ پيارَ جا ويلا!

آنءُ توڏي وڏايان هٿ پنهنجا،
ڏي سدا دردَ جا پَري ٿيلها!

روڊِ رستا هي خوف ٿا پاسِن،
هاڻ ڏاڙيل سي نہ ئي ٻيلا!

رنجَ ڪهڙا رکيا شبانہ تو؟
قرب ۾ چا لئہ منهَنڙا پيلا؟


www.sindhsalamat.com

اِجهو دم اُجهاڻا هلي آءُ راڻا!
ٿيا ساهَہ ساڻا هلي آءُ راڻا!

وڃن ٿا هٿن مان گهڙين جي گهٽيءَ سان،
حياتيءَ جا ٽاڻا هلي آءُ راڻا!

سڏن روز ٽوڪي هلي آ، هلي آ،
محبت ٽڪاڻا هلي آءُ راڻا!

هلي آءُ گڏجي چڪون پاڻ پيارا،
نصيبن جا داڻا هلي آءُ راڻا!

نہ سا آنءُ مومل نہ سا ڪاڪ ساڳي،
ڪري ڪير ماڻا هلي آءُ راڻا!

قصا قرب وارا پڇاريون سنيپاريون،
پهر سپ پراڻا هلي آءُ راڻا!

شبانہ، اڪيلا پِنا رات ساري،
اکين سان وِڇاڻا هلي آءُ راڻا!



www.sindhsalamat.com

تهمتن جو جهان ماري ٿو،
پيونءِ ۾ آسمان ماري ٿو!

ٿي لڳي سوچ چڻ سِرن وانگي،
آفتن جو مڪان ماري ٿو!

لفظ ناهِن ٽٽن پيا رشتا،
قربتن جو زيان ماري ٿو!

بند چپڙا، اکين ڪيون ڳالهيون،
هي عجب جو بيان ماري ٿو!

هر ستم دل سهي سگهي ٿي پر،
دوست! تنهنجو گمان ماري ٿو!

محبتن زندگي ڏني آهي،
او ڪدورت جو ڪانُ ماري ٿو!

ڏوهہ ڪنهن کي نہ ٿو ڏئي سگهجي،
مون کي منهنجوئي ڌيان ماري ٿو!

سورُ آهي نہ هڪ شبانہ سان،
دردَ جو ڪاروانُ ماري ٿو!



www.sindhsalamat.com

ساهَن وانگي ساريان توکي،
چئہ کيئن آنءُ وساريان توکي!؟

سمنڊ ڏکن جو اٿليو من ۾،
ڪيئن دل! منهنجي ٺاريان توکي!؟

سيج ڪري ٻئي نيڻ وڇايان،
ساجن! آءُ ويهاريان توکي!

چين جيان تون ايندو آهين،
ياد سدا ڪيئن ٺاريان توکي!؟

اونداهيءَ ۾ ڪهڙو جيون؟
منهنجا جذبا! ٻاريان توکي؟

هوٺ شبانہ، همت مون لئہ،
ڏونگر! ويٺي ڏاريان توکي.





زندگي ماتم سوا ڪهڙي مٿا!؟
دل پرائي غم سوا ڪهڙي مٿا!؟

هت حوا حورن کان پي آهي اتم،
پونءِ پي آدم سوا ڪهڙي مٿا!؟

ساڙ ناهي جو انا اوچي هجي،
قرب ۾ دل خم سوا ڪهڙي مٿا!؟

هيڪلائي موت جو هوندو سفر،
عمر پي سنگم سوا ڪهڙي مٿا!؟

پيارَ ساري نيرَ ٿا وهندا رَهن،
اک پلا آگم سوا ڪهڙي مٿا!؟

ساهَہ ۾ ويساهہ آهي زندگي،
دوستي ان دم سوا ڪهڙي مٿا!؟

پيارَ جي آهي شبانہ هي ڪَٿا،
سهٽي، ميهر ڏم سوا ڪهڙي مٿا!؟

آءُ تولاءِ دل جون صدائون پرين،
ساهَہ سانديِ رکيون هِن وفائون پرين!

پاڻ ڄاڻون نہ ٿا ڪوڙ، ڌوڪو، دغا،
جيءَ جي جهول ۾ ڇو دغائون پرين!؟

فاصلا ڇا ڪبا پيارَ جي پنڌَ ۾،
وصل واريون ڪيو ڪي عطائون پرين!

لڙڪ پيي هاڻ منٽڙا! مزو ويا ڇڏي،
ٺهڪ تنهنجا دکن ۾ دوائون پرين!

يادگيريون اوهان جون وڻن ايتريون،
ڄامشوري جون ڄڻ هن هوائون پرين!

جيءُ آهي شبانہ، جڳت هي سڄو،
وقت ساريون لکايون ڪٿائون پرين!



عمر ڏکندي رهي آهي پيچ ڊاهَہ ۾،
چين ماڻيو ڪٿي دل دکيءَ چاهَہ ۾!

ڪجهہ نہ ٻيو ٿي گهران ڏي پريشانيون،
ڪا تہ سوغات تنهنجي رهي ساهَہ ۾!

آسرا آسرا ٿي ويا وقت سان،
جيءَ اکيون رکيون پاڪ اللّٰهَ ۾!

تار پاڻي اُهو ئي وهي ٿو مگر،
ڇو رهي ڪونہ آ موج درياهَہ ۾!؟

ريت آئي کهاڙي اُپي ٿي اڳيان،
بي گناهہ وئي ڪُسي ڪنوار ونواهَہ ۾!

ساهہ آهي سريءَ ۾ شبانہ اڃان،
داغ ايندو پرين! ڪونہ ويساهہ ۾.

آزمائي پئي دوست! تنھنجي ڪَمي،
اَڄ، ڏڪائي پئي دوست! تنھنجي ڪَمي!

ڏيھُہ ڇا زندگي پِي وڃي ٿي نہ ٿي،
آءُ، ڪائي پئي دوست! تنھنجي ڪَمي!

وصل وايون وساري نہ ٿي دل صفا،
غَمَ وڏائي پئي دوست! تنھنجي ڪَمي!

ڄاڻ آيو اجل آسرن ڪان اِڄھو،
جند ڇڏائي پئي دوست! تنھنجي ڪَمي!

ساھَہ ساڙَا ٽِيا ھِن اڃي تو سوا،
سڪَ وڄائي پئي دوست! تنھنجي ڪَمي!

نيڻَ جاڳن شبانہ، پيا سورَ سان،
سک ڦٽائي پئي دوست! تنھنجي ڪَمي!



وڃي پوءِ ڪاٿي ورن ٿا پرين؟
اکين ۾ ٿي يادون ٻَرن ٿا پرين!

اڃو ھاڻ ڪاوڙ گھٽي ٿي وئي،
اوھان جا سِڪايل مرن ٿا پرين!

اَڃو ھان ڏِسو ھان ڏُکيءَ ڏي کِلي،
اکين منجھہ ڳوڙھا ترن ٿا پرين!

اوھان جون ڪري ياد ڳالھيون سيئي،
بکيون، ھانوَ جيرا ٺرن ٿا پرين!

اوھان جا وڇوڙا سَھن ٿا ڪِٿي؟
جگر شينھن جھڙا ڏرن ٿا پرين!

شبانہ اوھان ڏور ويندا رھيا،
جَڏا جيءَ ھتڙي ڳرن ٿا پرين!

وري اڄ اوهان جون ميارون پڳيون،
وري روحَ تائين جو سارون پڳيون!

اوهان ڏور هٿڙن کان نڪري ويا،
اوهان تائين پو پيي نهارون پڳيون!

خزائون اکين منجهہ چونديون رهيون،
اسان لاءِ ناهن بهارون پڳيون!

وڇوڙن هَٿان موڪليون جو اوهان،
اکين تي پرين! هيل هارون پڳيون.

ڏڏي پوڻ ويئي فلڪ لرزيو،
اوهان جي ڪنن تي پڪارون پڳيون!؟

شبانہ اڄو ها! اوهان پڪ هئي،
اوهان تائين شايد نہ تارون پڳيون!


www.sindhsalamat.com

نہ پيو ڪو پاڻَ کي سُجهي اسان تہ هيڪڙو ڏٺو،
ڪڏهن قريب قلب کي ڪڏهن هو رنجَ ۾ ڏٺو!

ڪڏهن شهيد شاهَہ ۾ ڪڏهن بلالي پاسجي،
ڪڏهن سبحان صبر سان اهو حسين تي ڪُٺو!

ڪڏهن بهار بُوند ٿي وَسي نِهار نينهن سان،
ڪڏهن قرار جيءَ جو اچي پرينءَ سڄو مُٺو!

ڪڏهن امير ساهَہ ۾ ڪڏهن هو غم غريب جو،
ڪڏهن هو سيٺيو ڏٺو ڪڏهن مزدور جو پٽو!

ڪڏهن شبانہ چين جو رهيو ٿي وقت پاڻ سان،
ڪڏهن سُرور سُور سان هو نينهن مينهن ٿي وٺو!


www.sindhsalamat.com

بندوق شاعريءَ جي هر لفظ ڇڻ تہ ٺا ٺا،
هِنَ جنگ ۾ او ڏرتي! آهي سَنو تو ڇا ڇا؟

ميدان من لڳي ٿو جذبن جي جنگ آهي،
احساس جا پِيا هِن دل منجهہ ڪيڏا لاشا!

ڏاهو بہ ٿو چوائين ۽ روحَ پيي رنجائين،
توکي ڪٿي اچي ٿي الفت پري ڪا پاشا!

تون پاڻ جو بہ ناهين سگهيو سڄڻ اجان ٿي،
تو ۾ اميد ڪائي رکندا نہ جيءَ آتا!

نفرت زهر شبانہ، گهرجي نہ زندگيءَ کي،
محبت مٺي آ منٺا! ڪائون ڪندون، پتاشا!



www.sindhsalamat.com

وقت وانگر وِٿيون ٿا وِجهو،
جندُ جهرندي اِجهوڙي اِجهو!

هجر جي آڳ آهي ڏکي،
ميڻ وانگر رِجو ٿا رِجو!

جي وجو ٿا هتان پل وجو،
امن پاسي اُتي پيي ٿِجو!

جي رڙي دل اوهان کي سڏي،
او پرين! سَڏُ سڃاڻي ڏِجو.

ڇا ٿيو جي شبانہ رُنو،
عشق سک پيي نہ آهي نِجو!



www.sindhsalamat.com

جَليا مون سان ستارا دير تائين،
رهيا جذبا ڏکارا دير تائين!

ڏنائون ساهَه آخر سُڄَ ۾ هئه،
رهيا لڇندا اجارا دير تائين!

اوهان جي سار سانوڻ ٿي وئي هئي،
وهيا نيڻن جا نارا دير تائين!

ويو وئرت وڇوڙو جند جهوري،
کيا پيارن کنارا دير تائين!

اوهان ۾ سونهن جي ساري خدائي،
ڏٺا نيڻن نظارا دير تائين!

شبانه مات سان ماتم کيو دل،
پيا جو ياد پيارا دير تائين!


www.sindhsalamat.com

رڳو انتظاري وڃي ئي نه ٿي،
اڃو، بيقراري وڃي ئي نه ٿي!

حقيقت لڪائڻ نه آئي ڪڏهن،
اسان کي مڪاري وڃي ئي نه ٿي!

پهرَ، ڏينهن، هفتو، مهينا نه پر،
مٺا! عمر ساري وڃي ئي نه ٿي!

اوهان جي نگاهن نه جايون ڏنيون،
حياتي ڏکاري وڃي ئي نه ٿي!

اوهان ريءَ کهڙو جيئڻ ۾ مزو؟
گهڙي هر ڪَساري وڃي ئي نه ٿي!

اوهان جي لکڻ جو سفر جو پنو،
کويتا "بخاري"! وڃي ئي نه ٿي!

شبانه ڏکن ساڻ رشتو پڪو،
خوشي آ اڌاري وڃي ئي نه ٿي!


www.sindhsalamat.com

جڏهن سارَ لهندي تڏهن ڪير هوندو!؟
اسان سان مٽيءَ جو مٽا! ڍير هوندو!

انهيءَ پار هوندو الائي ته ڇا ڇا؟
اهو ڀروسو آ نه ڪو وير هوندو!

مٽيءَ منجهه هرڪو مري پاءُ ٿيندو،
حياتيءَ ۾ جيڪو سوا سير هوندو!

اڪيلو ته هوندو اتي سر جڏيءَ جو،
نه ئي ڪانڌ هوندو نه ڪو ڏير هوندو!

نئون پارُ هوندو نئون پنڌ پنهنجو،
اڃاتو اڃاتو گهٽي گهير هوندو!

اسان ويلَ سان ويلَ گهاري وڃون ٿا،
شبانه اوهان ڏي سدا خير هوندو!


www.sindhsalamat.com

هي پيرن جو ناهي سفر ساهَه جو آ،
نه ماپي تون سگهندين سحر ساهَه جو آ!

هزارين اميدون اڇن ٿيون وڃن ٿيون،
سدا شاد رهڻو شهر ساهَه جو آ

پتو هيءُ ڪنهن کي پيو ڪونه پوندو،
ٿئي بند ڪاٿي هي در ساهَه جو آ!؟

وسي ٿو بنا مند موسم جي مٽڙا،
پسائي ٿو پنبڻيون ڪڪر ساهَه جو آ!

ڇڏي رنج سارا ڪِلي ٿا گذاريون،
وڃي ڪونه ورندو پهر ساهَه جو آ!

شبانه ٿهي ۽ ڍهي ٿو گهڙيءَ ۾،
عجب جهڙو جاني! هي گهر ساهَه جو آ!


www.sindhsalamat.com

هر اوکَ بہ سوکي آ جو ڏات اڃان آهي،
بي حال بدن پٽڪيو جذبات اڃان آهي!

ڇُپ چاپ چگّي ناهي هِن دؤر يزيديءَ ۾،
انوار تون مَت رکجان اڌ رات اڃان آهي!

تون ڏُور نہ وڃ پيارا! جھٽَ ويھہ اڃان گڏجي،
هن قلب دکياري جي ٻڌ، بات اڃان آهي!

جذبات سُتا ناهِن هِن جيءَ جياپي جا،
ماٺارَ مُٺي ناهي ذکرات اڃان آهي!

آرام شبانہ کي ٿو کونہ اچي ڏرتي!
دک دردَ پيا تڙپن فکرات اڃان آهي!



ٿو سوا او پرين! ساهَہ سُڏڪا ٿيا،
روحَ جي راهَہ تي نيڻَ اُلڪا ٿيا!

کونہ سنديش تو موڪليو ڪالهہ ڪان،
جيءَ ۾ هِن ڪَنا ڪوڙ ڪُٺڪا ٿيا!

سالَ ها سات جا پر پتو ئي نہ پيو،
وقت سان وِيا وَهي ياد لمحا ٿِيا!

مات ماتم بڻي پلَ گهڙيءَ ۾ وئي،
شورَ دل ۾ اُٿيا پارَ پِٽڪا ٿِيا!

وات پنهنجو ٻَڌي لوڪ جيئندو رهيو،
ڪيسَ توڙي وڏيا ڪونہ پٽڪا ٿيا!

دل شبانہ! ڪنائڻ لڳي اوچتو،
تنهنجي پيرن جيان چار گُڙڪا ٿيا!

بدگماني ٿئي دوستي ٿي وڃي،
ساٿ سِڪَ جي صدي پئي گهڙي ٿي وڃي!

ويجهڙي ٿي وڃان دل ڏکي ٿي پوي،
ڏارَ ٿي جي ٿيان زندگي ٿي وڃي!

وقت وارن جو ورتاءُ ماري پيو،
ماٺ ٿيندي مٺا! شاعري ٿي وڃي!

موت ڏي زندگي ٿي وڃي ڊوڙندي،
سمنڊ ڏي تيز جيئن هر نَدي ٿي وڃي!

ياد توکي نہ جي ساهَہ وانگر ڪيان،
جڙ تہ مون کان قضا بندگي ٿي وڃي!

تون اچين ٿو شبانہ ڏي جنهن پي گهڙي،
او پرين! دور ٿيندي غَمي ٿي وڃي!


www.sindhsalamat.com

ڪرڻو پيو ڪيوسين اظهار قيدَ ۾،
احساس پاڻ سان هو غمخوار قيدَ ۾!

هرجيءُ آهي سوگهو سوچن جي ٻوجَهہ ۾،
ٻيڙو جوانُ آهي هر ٻارُ قيدَ ۾!

رسمي رواج وارو هر ڪوٽ ٿو ڪڏي،
سارو لڳي پيو ٿو سنسار قيدَ ۾!

تن ڪي سلام آهي خود وقت پي ڪيو،
آجو ڪري ويا جي ڪردار قيدَ ۾!

ڌرتي گواهہ رهندي هر دئور ۾ پرين،
ٿيو نينهن نيث نِڪري نروار قيدَ ۾!

جذبا غلام ناهِن ڪلفت ڪروڙَ جا،
اُجرو ڪيو شبانہ دل پيار قيدَ ۾!


www.sindhsalamat.com

ڳنا لال ٻڏيون او مائون اڪيليون،
لڇن پونءِ اُپَ تي دعائون اڪيليون!

وڃي ڪونہ ويٺو تنين جي ڇپرَ ۾،
تَڪِن جيءَ جڳَ ڏي هي ڇائون اڪيليون!

ٽِيا سور ناسور ويڄن وَسان پي،
زخم زندگاني، دوائون اڪيليون!

وَڏي ٻُوءِ آهي دلين جي دڳَن تي،
پيون ساهَہ سارن هڳائون اڪيليون!

وڃن ٿيون اگهاڙيون ڪيون سنڌ ڄايون،
رُنيون روز هتڙي ردائون اڪيليون!

ويا گهوٽ ڳسجي دڳن منجهہ آهن،
رڙن ٿيون شبانہ هئہ لائون اڪيليون!



دردَ جي ڏرتتي تيڪَ تايون وَيون،
جيءَ جوپن سنديون چلولايون ويون!

ڪالهہ وايون لکيون ساهَہ ۾ چاهَہ سان،
عمر جون ڳالهيون تن ۾ ڳايون ويون!

پل ۾ سارو قِصو مختصر ٿي ويو،
زندگيءَ جون گهڙيون چار آيون ويون!

مات ماتم ڪندي رات ڏڪندي وئي،
ڪيئن ڳسجي امان! تنهنجون ڄايون ويون!؟

گَندُ ساڙيئي مگر ڪونہ ڄاتئي اِهو،
مفت سڙنديون وَليون ڪوڙ سايون ويون!

هاڻ اُلڪا شبانہ! نہ سڏڪا رهيا،
ڏُور ٿينديون سپئي هيڪلايون ويون!

اجان ويهہ، پيارا اجان رات آهي،
چوَن ٿا ستارا، اجان رات آهي!

اجان چنڊ جي روشني مست اُڀَ ۾،
نچن ٿا نظارا، اجان رات آهي!

اجان ڪونہ آڪاش ٿو باڪ ڀاسي،
اجان رند ڪارا، اجان رات آهي!

اجان ماٺ سان گفتگوءَ منجهہ آهن،
سپئي ڪيتَ ٻارا، اجان رات آهي!

اجان پي جلائي پئي جاڳ جاني،
ڀَٽي تات تارا، اجان رات آهي!

اجان چار ڳالهيون ڪيون ترس راڻا،
وسن نيڻ نارا، اجان رات آهي!

شبانہ مٿي ماٺ ۾ ڪونہ آهن،
صبح جا اشارا، اجان رات آهي!



www.sindhsalamat.com

ڪلفت ڪِروڙ ڪڻ ڪڻ، قربن ڪَٽي اسانجي!
ڪوٺين متان ننڍڙڪو الفت ڏٽي اسانجي!

سپ ڪوڙ ڏي ڪڏي هِن لوڀي وِڪون ڪٽي ويا،
ڪنهن پي نہ پر سچائي ڳڻ ۾ ڳٽي اسان جي!

هي وڻ حيات آهي آسون پنن جيان هِن،
هڪ هڪ اميد ٽڙپي چم چم چٽي اسانجي!

هيڏو جهان آهي قدرت قديم ان ۾،
سندر سپاجهڙي سنڌ هڪڙي چٽي اسانجي!

چالاءِ رنج آهين مرڪي ملين نہ ٿو ڇو؟
سنسار ۾ حياتي ناهي گهٽي اسانجي!

سارو سفر شبانہ، شعرن جو ٿيو سقلتا،
هر سِٽَ سچي سجڻ ڪي آهي وٽي اسانجي!



www.sindhsalamat.com

بي قياس گذاريون ٿا احساس ڪٿي آهي؟
رت، روح جي رشتن تي وشواس ڪٿي آهي؟

هر جاءِ ٻري پيئي ڏس باهه انائن جي،
اڄ پيار محبت جو من واس ڪٿي آهي؟

سڀ خوف وَتا آهن انسان زمانـي ۾،
وشواس ڪپي، باقي راڪاس ڪٿي آهي؟

ڪلهه ڪير جلائي ويو اڄ ڪير بچائي ٿو؟
تهذيب ۽ ٻوليءَ کي اتهاس ڪٿي آهي؟

ٿي پوڻ ڏِکي مون کي، ست ڪونه پيا گهرجن،
هڪ پاڻ ڪري پنهنجو آڪاس ڪٿي آهي؟

تعذير سٺا آهن، چپ چاپ شبانه پر،
او سنڌ! مٿي دشمن ٿيو ناس ڪٿي آهي؟



زمينَ چُپ، آسمان چپ چوا؟
ڪُسن ٿا جذبا جهانُ چپ چوا؟

ستم هي هيڏو حيات هِن سان،
صداقتن جي آذان چپ چوا؟

دکي اُٿي رات دل رڙي هئي،
زبان جڳ جي زمانُ چپ چوا؟

ستن قرآنن مثل ڪُٺي وئي،
اللهُ! تنهنجو قرآنُ چپ چوا؟

ٻڌين نه ٿو ڏاڍ جي اڳيان پو،
ڪيو ڪوي! تو بيانُ چپ چوا؟

اميد سُڏڪا ڀري سُتي آ،
ڪيو ٿي مَنَ جو زِيانُ چپ چوا؟

هزار احساس دل ۾ پـو پـي،
رهيو شبانه ڏيانُ چپ چوا؟

ڏٺا پل پل پٺون هٽ مون، اڳهاڙا پيرَ پنهنجن جا!
رُنيون هِن آسَ جون راهون اڳهاڙا پيرَ پنهنجن جا!

نہ ٿوجو قياس ڪيڪاري ڏکاري ڏيهَہ ۾ ڪنهن ڪي،
ڪري دل درد سان دانهون اڳهاڙا پيرَ پنهنجن جا!

اکين جا خوابَ ٿا سڏڪن وڃائي ماڳ راهن ۾،
وهن ڳوڙها ڀٽي آسون اڳهاڙا پيرَ پنهنجن جا!

اڄاتا رندَ روهن جا پِٽن ٿا پانَ پاڻن جا،
نہ سورن سان ڪٽن ساهون اڳهاڙا پيرَ پنهنجن جا!

مسافت اهنج ارپيا هِن ڏکيا هر جيءَ جا رستا،
پري ٿي زندگي آهون، اڳهاڙا پيرَ پنهنجن جا!

شبانہ حال هيڻن جو ڏٺو ڪاٿي ٿيو هِنَ ڪان!
ڇُمي پيئي ڏکاري ڀون، اڳهاڙا پيرَ پنهنجن جا!



اوهان نہ سوڙهہ ۾ رهو اُٿي اسان وڃون پيا،
پريت جي سنگيت هئي ڀڏي اسان وڃون پيا!

پڪارَ هئي پَرارَ ڪان تِڪي هئي ترارَ ڪان،
نچي ڪڏي مٺا، ڏٺي ڏکي اسان وڃون پيا!

حيات ۾ حيات ڪي حيات ٿا ڏئي وڃون،
قصا سڄي جهانَ جا لکي اسان وڃون پيا!

نہ بات ساڻ ڪا رهي نہ ڏات آ نہ ڏانءُ آ،
ڪَلا اسان ڪان راهَہ ۾ رُٺي اسان وڃون پيا!

خدا ۽ سور ساهَہ جو گواهہ آهي هر گهڙي،
اوهان جي تات ۾ ڏکي لُڇي اسان وڃون پيا!

اوهان جي ڏيهَہ ڪان پَري اُڏام روحُ ٿو ڪري،
ڇڳي نصيب جا ڪَٽا پکي اسان وڃون پيا!

وري نہ ڪولبيون اکيون حيات جي جهانَ ۾،
اوهان جا پيارَ ساهَہ ۾ رکي اسان وڃون پيا!

شبانہ شور ڪونہ آ اڪيلڙي گهٽيءَ اندر،
رکي چپن تي مانڙي مٺي اسان وڃون پيا!

وقت سان ٿو وَهي زندگيءَ جو قدم!
پيارَ سان ٿو ٺَهي زندگيءَ جو قدم!

آسَ جو آهي رستو اڙانگو اَلا،
سور سختيون سَهي زندگيءَ جو قدم!

حسرتن سان پري هانءُ هلندي رهان،
ڪِٿ الائي ڊهي زندگيءَ جو قدم!

وقت ويساهُه ٿو واءُ وانگر وڏي،
ماڳ ڳولي لَهي زندگيءَ جو قدم!

نيڻ هِن بي لڪا ڪجهه سجاڻن نه ٿا،
پار ڪهڙي ڪَهي زندگيءَ جو قدم!

قول سارا شبانه نڀائي سگهان،
شال قائم رهي زندگيءَ جو قدم!



www.sindhsalamat.com

اي دوست! درد سورَ جي وري وري صدا نه ڏي،
اکين ۾ عشق آڳ سان ڀري ڀري صدا نه ڏي!

مَسين ته مات دل ڪئي رڙي سُتي آ سانت سان،
وري نه ڇيڙ تند ڪا ٺري ٺري صدا نه ڏي!

خموش ٿي وئين ته ڇڻ جهانُ ئي سُتو سَڄو،
سُڪون ڪَرَ پَچي پيو مري مري صدا نه ڏي!

نگاهه نيند سلسلو هلي پلي هلي مگر،
زبان سُور سان اها پَري پَري صدا نه ڏي!

شبانه ننڊ ٿي اڃي حيات جاڳ آ ڪٿي،
ڳُلي پوي نه قلبَ جي دري صدا نه ڏي!



www.sindhsalamat.com

بزم مستانَ ۾، هوش جون ڳالهيون!
عشق انسان ۾، هوش جون ڳالهيون!

ساهَہ ساڻا هِتي نيڻ مڏ ۾ مگن،
موهَہ ميدان ۾ هوش جون ڳالهيون!

ڪير سڏڪو سڻي ڪوهہ خاموش آ،
سانت سنسان ۾، هوش جون ڳالهيون!

آس اُڪري پئي ساهُہ نِڪري پيو،
چُپِ بيابان ۾، هوش جون ڳالهيون!

زندگيءَ کي ڏَکي وقت آهي ويو،
ويل نقصان ۾، هوش جون ڳالهيون!

ٻُت سڙندي شبانہ، عمر ٿي ڏِسي،
پيار شمشان ۾، هوش جون ڳالهيون!


www.sindhsalamat.com

ڪروڙ ٿو نَچي ڪُڏي قدم قدم سماجَ ۾،
اسان جي سوچَ ٿي رهي اڃان بہ احتجاجَ ۾!

ڇَڏي نہ مفلسي پئي غريب جي ڳِچي هتي،
وَڪوڙجي سَماج وِيو سَڄو وَبا وياجَ ۾!

وفا حيات ڇا ڪندي؟ فنا فنا سڀئي فنا،
رکون جفا نہ جاڙَ ٿا مِٺا! سندي مزاجَ ۾!

پلي ڏِسو خُمارجي خواب انقلابَ جا،
اسان اپوجہَ ٿا رهون اَڙيلَ اڃان اناجَ ۾!

حقيقتن جو سَڄ نئون جهان آ ڏٺو مگر،
اسان اڃان بہ رات سان رهون پيا رِواجَ ۾!

سڪونَ سان پ ُسي چڱي شبانہ زندگي وَڻي!
سمائي ڪوڙ اَزيتون نہ ڏي اسان کي تاجَ ۾!


www.sindhsalamat.com

# سنڌ سلامت

**www.sindhsalamat.com**

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊيجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو ڪيو آهي ڇو ته تاريخ هميشه انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نه رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ مشاهدن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي ته سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن جن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي پر اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد ته سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نه صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو پورو پورو ساٿ نڀائيندا.

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book



